# BUDGET
# 2023-2024

**BUDGET SPEECH BY**
**MURAD ALI SHAH**
**CHIEF MINISTER SINDH**
**2023 - 24**

GOVERNMENT OF SINDH
FINANCE DEPARTMENT

# بجيٽ تقرير

# 2023-24

## حڪومت سنڌ

# سِٽاءُ


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 1 | • بجيٽ تقرير 24-2023 |
| 2 | • گهٽن بحرانن کي مُنهن ڏيڻ جي سگهه |
| 4 | • عالمي ۽ قومي معاشي بحران |
| 6 | • مالي سال 23-2022 لاءِ نظرثاني ٿيل کاتا |
| 8 | • ذاتي آمدني وسيلا |
| 9 | • مالي سال 24-2023 لاءِ بصيرت هڪ بااختيار ۽ جامع سنڌ |
| 11 | • سال 24-2023 جا بجيٽ کاتا |
| 12 | • ترقياتي خرچ |
| 13 | • ٻوڏ تباهڪاريون ۽ حڪومتي اُپا |
| 18 | • بجيٽ کاتو 24-2023 (ساليانو ترقياتي منصوبو) |
| 19 | • پ پ پ حڪومت جون ڪاميابيون |
| 20 | • تعليم |
| 23 | • صحت جون سهولتون |
| 28 | • طبي تعليم |
| 29 | • ٽرانسپورٽ اينڊ ماس ٽرانزٽ |
| 31 | • عورتن جي ترقي |
| 33 | • لائيو اسٽاڪ ۽ ماهيگيري کاتو |
| 34 | • ٻيلا |
| 34 | • مذهبي هم آهنگي |
| 35 | • امن امان |
| 37 | • آبپاشي نظام |
| 39 | • پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ |
| 39 | • رانديون ۽ تفريح |
| 40 | • ثقافت ۽ سياحت |
| 42 | • ماحوليات ۽ متبادل توانائي، سبز انقلاب |
| 44 | • آبادي جي ڀلائي، سماجي ڀلائي ۽ تحفظ |
| 45 | • انفارميشن ٽيڪنالاجي |
| 47 | • صنعتون ۽ ننڍا ڪاروبار |
| 48 | • ورڪس اينڊ سروسز |
| 48 | • انفارميشن، ايڊورٽائيزمينٽ اينڊ پبلسٽي |
| 48 | • مالياتي انتظام |
| 52 | • رليف جا اُپاءَ |
| 53 | • پُڄاڻي |

### الله سبحانہ و تعالیٰ جي نالي سان شروعات.

## بجيٽ تقرير سال 24-2023

جناب اسپيڪر!

آءٌ نهايت ئي عاجزيءَ سان الله تعاليٰ جي پاڪ نالي سان شروع ڪري رهيو آهيان، جنهن جون مون مٿان، منهنجي قيادت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ مٿان وڏيون ڪرم نوازيون آهن. الله تعاليٰ مونکي پاڪستان جي ٻئي وڏي صوبي سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو شرف عطا فرمايو ۽ اها نهايت سرهائيءَ جي ڳالھ آهي جو اسان آگسٽ 2023 ۾ پنهنجو لڳاتار ٽيون حڪومتي مدو پورو ڪري رهيا آهيون.

آءٌ هن معزز ايوان آڏو پيش ٿي مالي سال 24-2023 لاءِ موجوده حڪومتي دور جي آخري بجيٽ پيش ڪرڻ کي ٻه پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿو. هيءَ بجيٽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت، اُن جي باني چيئرمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمہ بينظيرڀٽو، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي خوشحال ۽ مربوط سنڌ بابت عظيم مقصد جي چٽيءَ ريت عڪاسي ڪري رهي آهي، جنهن جي ترقيءَ جو لاڀُ سمورن علائقن ۽ شهرين خاص طور تي اُسرندڙ علائقن، اسانجي نوجوانن، هارين، عورتن، واپارين ۽ بزرگ شهرين کي حاصل ٿيندو.

ڪورونا ۽ ٻوڏن جي قدرتي آفتن جن صوبائي معيشت تي اٽڪل 100 ارب رپين جو اضافي بار وِڌو ۽ مجموعي ترقياتي ڪاتي کي ڇيهو رسايو، تنهن باوجود سنڌ گذريل پنجن سالن اندر بي مثال ترقي ڪئي آهي. اهڙي صورتحال اسانکي ٻوڏ کان بعد بحالي وارين سرگرمين ڏانهن ڌيان ڇڪايو، ان ڪانسواءِ عالمي طور تي معيشت ۾ وڏي پيماني تي ٻاڙائي ۽ مالي وسيلن جي اٽاٽ پڻ حڪومت کي اقتصادي ۽ مالياتي استحڪام لاءِ ڏکيا فيصلا ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن موقعي تي آءٌ سادگي اختيار ڪرڻ وارن اُپائن ۽ سرڪاري پاليسين جي اثرائتي عملدرآمد ۾ صوبائي ڪابينا ۽ هن معزز ايوان طرفان ڀرپور حمايت ۽ سهڪار جو پڻ اعتراف ڪندس، جنهن عام ماڻهوءَ کي سياسي، سماجي ۽ معاشي غيريقيني صورتحال جي اهڙين امتحان وارين گهڙين کي برداشت ڪرڻ جي سگھ عطا فرمائي.

# گهڻن بحرانن کي مُنهن ڏيڻ جي سگهه

## برسات ۽ ٻوڏ جي تباهڪاري

جناب اسپيڪر!

ڪورونا، برسات ۽ ٻوڏ سٽيل ماڻهن، جن موتمار مصيبتن کي منهن ڏيڻ ۾ ڀرپور سهپ، پختي عزم ۽ سگهه جو مظاهرو ڪيو، انهن لاءِ گهرا جذبا رکڻ باوجود مونکي هن ايوان کي آگاهه ڪرڻ ۾ سرهائي ٿي رهي آهي ته ٻوڏ کي مُنهن ڏيڻ واري حڪمت عملي تي لڳاتار عمل ڪرڻ سان سنڌ حڪومت ٻوڏن تي ضابطو آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي جهڙي ريت ڪورونا (ڪووڊ-19) جي مصيبت کي اسان بهادريءَ سان مُنهن ڏنو.

### طوفان سان ٽڪرائڻ جي هُجي عادت جنهن کي مُحسن

### سمنڊ به دعا ڏيندا آهن، اهڙي ٻيڙيءَ کي.

سنڌ، ملڪ اندر ٻنهي ڪورونا ۽ ٻوڏن جي حوالي سان وڌ کان وڌ بار کنيو ۽ 2022 ۾ وڏي تباهيءَ کي مُنهن ڏنو، جنهن ۾ هڪ هزار ماڻهن حياتيون وڃايون، جڏهن ته 8 هزار ماڻهو زخمي ٿيا، ان کانسواءِ گهرن، آمد و رفت، زراعت، آبپاشي ۽ مواصلاتي نظام کي وڏو ڇيهو رسيو. ضلعي انتظاميه، عالمي بينڪ، يو اين ڊي پي، يورپي يونين ۽ ٻين ڀاران ٻوڏ کانپوءِ نقصان جي لڳايل ڪاٿن موجب 4.4 ملين ايڪڙ زرعي زمين تباهه ٿي، جڏهن ته آبپاشي ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري نظام کي پڻ وڏو نقصان پهتو. اٽڪل 436435 چوپايو مال (جنهن جي ماليت 117.3 ملين آمريڪي ڊالر ٿيندي) مري ويو ۽ 60 سيڪڙو روڊن جو نيٽ ورڪ متاثر ٿيو. ان کانسواءِ مجموعي طور تي 2.36 ملين گهر تباهه ٿيا جنهن سان 12.36 ملين ماڻهو بي گهر ٿيا جن ۾ 650،272 گهرن کي جزوي ۽ 1.44 ملين مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا، جڏهن ته 2548 سرڪاري عمارتون پڻ زبون حالي جو شڪار ٿيون جيڪي مجموعي قومي انگن اکرن جو 83 سيڪڙو ٿين ٿيون. سنڌ اڪيلي سر اڏاوتن واري شعبي ۾ 5.5 ارب آمريڪي ڊالرن جو نقصان ڀوڳيو.

تنهن هوندي بہ سنڌ حڪومت پاران قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ورتل تڪڙن اُپائن اُن جي تباهيءَ جي اثرن ۾ گهٽتائي آندي. سنڌ حڪومت ضلعي انتظاميہ، پاڪ فوج، پاڪستان هوائي فوج، ساموندي فوج ۽ نيم فوجي دستن جي سهڪار سان پراونشل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) ذريعي بينل پاڻيءَ جي ترت نيڪاليءَ لاءِ هنگامي بنيادن تي امدادي سرگرمين جي شروعات ڪئي. مقامي طور ۽ پرڏيهہ مان ملندڙ امدادي سامان متاثرن ۾ ورهايو ويو جنهن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي، هڪ ملين خيما، 0.63 پلاسٽڪ جون ترپالون، 3.95 ملين مڇردانيون ، 2.554 ملين راشن جا ٿيلها، 1.84 ملين ڪمبل، سينيٽيشن ڪِٽس ۽ ٻيون ڪيتريون ئي روز مره جي استعمال واريون شيون شامل آهن.

برسات ۽ ٻوڏ سٽيل ماڻهن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ٻوڏ ۽ برسات جي ايمرجنسي دوران 16 ضلعن اندر 26 موبائيل اسپتالون قائم ڪيون ويون. ايمرجنسي وارن 46 ڏينهن اندر اِنهن موبائيل اسپتالن ۾ 190000 مريضن جو علاج ڪري مفت دوائون ڏنيون ويون جڏهن تہ 20000 طبي ٽيسٽون ڪيون ويون. انهن موبائيل اسپتالن کي هلائڻ ۽ انتظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسان مالي سال 24-2023 دوران 556.863 ملين رپيا مختص ڪيا آهن. يو اين ايڇ سي آر ۽ يو اين ڊبليو ايف پي پڻ متاثر علائقن اندر ڪاڌ خوراڪ جي فراهمي ۾ مدد ڪئي آهي.

ان سان گڏوگڏ، سنڌ حڪومت ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ عوام جي سهائتا لاءِ پنجن منصوبن جي ڏس ۾ عالمي بينڪ کان 1.69 ارب آمريڪي ڊالرن جي امدادي رقم لاءِ ڳالهيون ڪيون آهن ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ کان 200 ملين آمريڪي ڊالرن جي امدادي رقم حاصل ڪري ورتي آهي. آءٌ پنهنجي تقرير دوران ٻوڏ کانپوءِ بحالي وارن منصوبن ۽ اسان طرفان اختيار ڪيل حڪمت عملي بابت تفصيلي طور بعد ۾ ڳالهائيندس.

# عالمي ۽ قومي معاشي بحران

جناب اسپيڪر!

هن معزز ايوان کي ملڪ کي درپيش جاگرافيائي ۽ اقتصادي بحرانن بابت آگاهي ڏيڻ لازمي آهي جيڪي گذريل حڪومت جي خراب ڪارڪردگيءَ سبب پيدا ٿيا آهن، اڳوڻي حڪومت جي منفي قومي معاشي پاليسين، ناڪام حڪمراني، جَجها پرڏيهي قرض وٺڻ واري عمل، ناڪام پرڏيهي ۽ ناڻي واري پاليسين سان گڏوگڏ عالمي اقتصادي بحرانَ جيڪي ناڻي جي ڦهلاءَ، موسمياتي تبديلين، يورپ ۾ جنگ ۽ ڪورونا توڙي عالمي سياسي ڇڪتاڻ سبب رسد ۾ رُخنن جي صورت ۾ سامهون آيا، جيڪي بيشمار معاشي مسئلن، شين ۽ يوٽلٽي ۽ تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو ڪارڻ بڻيا ۽ بدقسمتيءَ سان واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ واڌ آئي.

جناب اسپيڪر!

بدقسمتيءَ سان سنڌ جي عوام کي 40 سيڪڙو جي شرح سان وڌ ۾ وڌ مهانگائي واري صورتحال جنهن ۾ ايندڙ مالي سال دوران 2 سيڪڙو جي شرح سان واڌ جو امڪان آهي کي منهن ڏيڻو پوندو، جڏهن ته تيل ۽ توانائي جون قيمتون پڻ 50 سيڪڙو تائين وڌيون آهن.

جناب اسپيڪر!

هڪ ڪمزور معيشت جنهن کي آءِ ايم ايف ۽ ترقياتي پائيوارن سان ڳالهين ۾ هميشه ناڪاميءَ جو مُنهن ڏسڻو پوندو آهي، جو ته اُها پرڏيهي متاسنا جي ناڻن وارن ذخيرن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڳرن شرطن تي ٻڌل جبري مطالبن کي پورو ڪرڻ کان قاصر هوندي هُئي جيئن پاڪستان آهي، جيڪو قوم جي قدرتي آفتن جي لپيٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ اهڙي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. بيشمار بحرانن جي باوجود سنڌ هڪ ذميدار وفاقي يونٽ هئڻ جو ثبوت ڏيندي مالي بحران مان نڪرڻ واري پيڪيج جي حصول جي سلسلي ۾ وفاقي حڪومت پاران آءِ ايم ايف سان ڪيل واعدن جي پورائي لاءِ مالي سال 2022-23 دوران 184.125 ارب رپين جي نقدم واڌو رقم جو معيار برقرار رکڻ لاءِ مالياتي انتظام جي منظوري ڏني آهي.

انهن سمورين ڳالهين جي باوجود پاڪستان پيپلزپارٽي پاران بحرانن کي منهن ڏيڻ واري مستقل ۽ اٽل ارادي خطرن کي موقعن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اسان سڀني ترقياتي ڪاتي تي نظرثاني ڪئي آهي ۽ بوڏ ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ ضرورتن پٽاندڙ ترجيحون طئي ڪري ورتيون آهن. اسان مثبت تبديلي ۽ موثر فيصلاسازي جي ضرورت تي ڌيان ڏنو آهي. اسان نهايت خبرداريءَ سان پنهنجي ترجيحن جو جائزو ورتو آهي. جنهن ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويو آهي ته هر رُپئي جي سيڙپ مان وڌ ۾ وڌ لاڀ حاصل ڪيو وڃي. سنڌ جي عوام سان پختو عزم ۽ وچن آهي ۽ اسان قوم جي باني جي هينين چوڻيءَ مان اتساهه وٺندي موجوده معاشي مسئلن تي ضابطو آڻڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏينداسين.

### ”خدمت ۾ يقين، نظم و ضبط ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ڪابه اهڙي شيءِ ناهي جيڪا اوهان حاصل نه ڪري سگهو.“

الله تعاليٰ شل اسان کي قوم جي باني قائداعظم محمد علي جناح، قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ قائد جمهوريت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي بصيرت ۽ طئي ٿيل اصولن مطابق سنڌ جي عوام جي خدمت ڪرڻ جي همت ۽ صلاحيت عطا فرمائي، جن اڻٿڪ جدوجهد سان اهڙن مقصدن کي ماڻيو. هاڻي پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جي ولوله انگيز قيادت ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ اُن جي حڪومت سنڌ کي عوام لاءِ هڪ حقيقي فلاحي رياست بڻائڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکيون پئي اچي.

جناب اسپيڪر!

هاڻي آءٌ هن معزز ايوان آڏو سال 23-2022 جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا پيش ڪندس.

## مالي سال 23-2022 لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿا

## صوبائي خرچ:

جناب اسپيڪر!

مالي سال 23-2022 جي 1713.584 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سال 24-2023 لاءِ صوبائي خرچن لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿن جي ڏس ۾ 1765.02 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. جن ۾ موجوده آمدني، موڙي ۽ ترقياتي خرچ شامل آهن. هاڻي آءٌ صوبائي خرچن جي حوالي سان اهم نڪتا پيش ڪندس.

### موجوده آمدني خرچ

سال 23-2022 لاءِ موجوده آمدني خرچن جا نظرثاني ڪاٿا 1296.569 ارب رپيا لڳايا ويا آهن جيڪي سال 23-2022 لاءِ 1199.445 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ 8 سيڪڙو اضافي جي نشاندهي ڪن ٿا. ان اضافي جو اهم ڪارڻ برسات ۽ ٻوڏ دوران امدادي ۽ بحالي وارين سرگرمين تي واڌو خرچ آهي.

### موجوده موڙي خرچ

سال 23-2022 لاءِ موجوده موڙي خرچن جا نظرثاني ڪاٿا 62.13 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن جيڪي سال 23-2022 لاءِ 54.481 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ 8 سيڪڙو اضافي جي نشاندهي ڪن ٿا. اهڙي واڌ رُپئي جي ڀيٽ ۾ ڊالر جو اگهه وڌڻ يعني 186 پاڪستاني رپين مان 300 پاڪستاني رپيا ٿيڻ سبب ٿي، جنهن سان قرضن جي ادائگي جي ڏس ۾ 7.65 ارب رپين جو خرچ وڌيو. هلندڙ مالي سال 23-2022 جي 23.6 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سيڙپڪاريءَ جي سرگرمين لاءِ رقم ۾ 21.5 ارب رپين تائين نظرثاني ڪئي وئي آهي.

## ترقياتي خرچ

سال 23-2022 لاءِ صوبائي ترقياتي خرچ جا نظرثاني ٽيل ڪاٽا 406.322 ارب رپيا بيهن ٿا. اهڙي نظرثاني، امدادي ۽ بحالي وارين سرگرمين جي حوالي سان اسانجي اڻٿڪ ڪوششن جي عڪاسي ڪري ٿي. ٻوڏ سبب آيل تباهي جي نتيجي ۾ پرڏيهي امداد ۾ اضافي جي اميد آهي جنهن ۾ 147.822 ارب رپين جي واڌ تائين نظرثاني ٿيندي. اهڙي ريت موجوده مالي سال ۾ ٻي وفاقي امداد ۾ 12.5 ارب رپين جو اضافو ٿيو آهي، ٻئي پاسي هن سال جي تڪڙين گهرجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي سالياني ترقياتي پروگرام لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٽا 20.0 ارب رپيا لڳايا ويا آهن.

## مجموعي صوبائي وصوليون

جناب اسپيڪر!

صوبائي وصوليون وفاقي منتقلين ۽ صوبائي آمدن جو جوڙ آهن. اسانجي وسيلن جو اهم جز هجڻ سبب سنڌ گهڻو تڻو وفاقي منتقلين تي ڀاڙي ٿي، جن ۾ ورڇ جوڳو پول ۽ سڌيون منتقليون شامل آهن، جيڪي اين ايف سي جي انتظامن هيٺ حصيداري واري فارمولا تحت صوبن وچ ۾ ورهايون وڃن ٿيون.

## وفاقي منتقليون ۽ ورڇ جوڳو پول

مالي سال 23-2022 جي 1055.534 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٽن جي ڀيٽ ۾ وفاقي منتقلين جا نظرثاني ٿيل ڪاٽا 1080.103 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

درآمد کي روڪڻ لاءِ وفاقي ٽيڪسيشن جي اهم سبب جي ڪري ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس جيڪو هڪ ختم ٿيل محصول آهي ۾ 85.779 ملين رپين تائين، ڪسٽمز ۽ وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽين ۾ ترتيب موجب 148.129 ارب رپين ۽ 61.547 ارب رپين جي معمولي واڌ سان 958.62 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٽن جي ڀيٽ ۾ سال 23-2022 لاءِ ورچ جوڳي پول لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٽا 982.54 ارب رپيا بيهن ٿا. آمدني تي ٽيڪسن ۽ شين تي ٽيڪس ڪانسواءِ ٻين اسمن ۾ واڌ لاءِ نظرثاني ڪئي وئي آهي. آمدني تي 385.537 ارب رپين جي

نظرثاني ٽيل لاٽ ۾ 387.36 ارب رپين جو جنرل سيلز ٽيڪس، لڳاتار اقتصادي ٻاڙائي ۽ لڳاتار مهانگائي جي رجحان جي نشاندهي ڪن ٿا.

سال 23-2022 جي 70.822 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سڌين منتقلين جا نظرثاني ٽيل ڪاٿا 71.151 ارب رپيا بيهن ٿا. اسانکي موجوده مالي سال 23-2022 جي آخر ۾ مختص ٽيل رقم وصول ٿيڻ جي اميد آهي.

# ذاتي آمدنيءَ جا وسيلا

## ٽيڪس آمدني

جناب اسپيڪر!

سنڌ حڪومت پنهنجي موجوده مدي دوران ٽيڪس پريندڙن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ ٽيڪس روينيو موبيلائزيشن پلان (ايس ٽي آر ايم پي) تي ٻڌل انتظامي سڌارن کي لاڳو ڪرڻ تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو آهي. خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس کي ادائگيءَ جي اي ڊي سي طريقيڪار ۾ منتقل ڪرڻ ۽ اِي-اسٽيمپس متعارف ڪرائڻ جي عمل خاطر خواه نتيجا ڏنا آهن تنهنڪري هلندڙ مالي سال جي 374.5 ارب رپين جي مختص رقم جي ڀيٽ ۾ صوبائي آمدنين لاءِ 23-2022 دوران نظرثاني ٽيل ڪاٿا 358.290 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن جنهن ۾ 335.0 ارب رپيا ٽيڪس آمدني ۽ 23.290 ارب رپيا غيرٽيڪس آمدني شامل آهي. اوڳاڙيءَ ۾ گهٽتائي جو سبب غيرمستحڪم معيشت، غيرضروري وفاقي ٽيڪس ۽ برآمدي پابندين سبب بنيادي ڍانچي جي ترقي تي تمام گهٽي محصول جي اوڳاڙي آهي.

جناب اسپيڪر!

اسانکي اُميد آهي ته خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس بين صوبائي محصولن جيڪي اسانجي آمدنيءَ جو مکيه ذريعو آهن کان وڌيڪ بهتر نتيجا ڏيندو. مونکي اهو ٻڌائيندي سرهائي ٿي رهي آهي ته اسان هلندڙ مالي سال 23-2022 لاءِ خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس لاءِ 180.0 ارب رپين جي اوڳاڙي واري مقرر ٽيل هدف کي حاصل ڪري ورتو آهي.

## غير ٽيڪس آمدني

هلندڙ مالي سال لاءِ غير ٽيڪس آمدني جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا 23.29 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

### پيون وصوليون

پرڏيهي سهڪاري منصوبن لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿا 147.822 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن جڏهن ته وفاقي پي ايس ڊي پي جو ڪاٿو 14 ارب رپيا لڳايو ويو آهي. هلندڙ مالي سال 23-2022 ۾ تعليم واري شعبي سان سلهاڙيل مالياتي سهڪاري امداد 9.04 ارب رپيا بيهي ٿي.

## مالي سال 24-2023 لاءِ بصيرت

## ”هڪ با اختيار ۽ جامع سنڌ“

پاڪستان پيپلزپارٽي هڪ جمهوري ترقي پسند پارٽي آهي، جيڪا جامع حڪمراني واري نظريي تي ويساهه رکي ٿي. ان جو نظريو هڪ ترقي يافته سنڌ آهي جتي سيئي ادارا، پاليسيون ۽ خدمتون سماج جي سيني فردن لاءِ رسائي جوڳيون، احتساب جوڳيون ۽ جوابده هُجن. ان فلسفي جو سچو عڪس سال 24-2023 جي بجيٽ ڪاٿن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

## بجيٽ کان اڳ جو بحث- اسيمبلي اجلاس

جناب اسپيڪر!

ايندڙ بجيٽ تي عام بحث مباحثي ۾ هن ايوان جي معزز ميمبرن کان نئوس تجويزون حاصل ڪرڻ لاءِ رولز آف پروسيجر آف دي پراونشل اسيمبلي آف سنڌ-2013 جي قاعدي 143 تحت بجيٽ کان اڳ جو اسيمبلي اجلاس جنوري کان مارچ 2023 تائين جي مهينن ۾ ڪوٺايو ويو، جنهن سان انهن زميني حقيقتن ۽ عوام جي ضرورتن کي سامهون

رڪندي بجيٽ جون ترجيحون طئي ڪرڻ ۾ مدد ڏني. سنڌ اهم راين ۽ تجويزن کي سال 2023-24 لاءِ بجيٽ ڪاٽن کي آخري شڪل ڏيڻ دوران باقاعده شامل ڪيو ويو آهي.

## شهرين جي بجيٽ

جناب اسپيڪر!

سنڌ حڪومت مالي سال 2021-22 ۾ شهرين جي بجيٽ لاءِ هڪ دستاويز تيار ڪيو هو جنهن ۾ ساجاهه وندن، ملازمت ڪندڙ آفيسرن، عالمن، تعليمدانن ۽ عام ماڻهن کان حاصل ڪيل راين تي ٻڌل هڪ سروي جي انگن اکرن تي ٻڌل تجزيو شامل ڪيو ويو آهي. جنهن بجيٽ جي روايتي ڪارروائي کي گڏيل فيصلا سازي ۾ منتقل ڪري ڇڏيو آهي. سرڪاري خرچن جي ترجيحن ۽ آمدني پيدا ڪرڻ جي بهتر طريقن جي حوالي سان عوامي راءِ کي سال 2023-24 لاءِ بجيٽ ڪاٽن کي آخري شڪل ڏيڻ دوران چڱي ريت غور هيٺ آندو ويو آهي.

اسان هن سال اديبن، عالمن، محققن، شراڪتدارن ۽ شهرين پاران وندبيل ويچار، تدبيرن ۽ تجويزن جي روشنيءَ ۾ بجيٽ سرگرمي ۽ اُن جي اثرن جي حوالي سان عوام کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ساک وارن ادارن جهڙوڪ آءِ بي اي سکر، آءِ بي اي ڪراچي، اپلائيڊ اڪنامڪس ريسرچ سينٽر ڪراچي ۽ ڪمشنر آفيس حيدرآباد ۾ آگاهي بيٺڪون منعقد ڪيون. مجموعي طور تي 356 ماڻهن جن ۾ 240 مرد ۽ 107 عورتون شامل آهن، تن هڪ سوال نامي ذريعي سنڌن ويچار وندبيا. سنڌن ويچارن ۽ قيمتي تجويزن کي 2023-24 جي بجيٽ ڪاٽن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سروي ۽ ان جي تجزين کي صوبي جي ساليانې بجيٽ سان گڏوگڏ هر سال ڇاپيو وڃي ٿو.

## سال 24-2023 لاءِ بجيٽ ڪاٿا

# صوبائي خرچ

جناب اسپيڪر!

سال 24-2023 لاءِ صوبائي بجيٽ جو ڪاٿو 2247.581 ارب رپيا آهي، جيڪو هلندڙ سال 23-2022 جي 1713.584 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن تي 31 سيڪڙو واڌ کي ظاهر ڪري ٿو.

هاڻي آءٌ مختصر طور تي هاڻوڪن آمدني، موڙي ۽ ترقياتي خرچن جا انگ اکر پيش ڪندس.

## هاڻوڪو آمدني خرچ

سال 24-2023 لاءِ هاڻوڪي روينيو خرچ جي ڏس ۾ بجيٽ ڪاٿن جو تخمينو 1411.221 ارب رپيا لڳايو ويو آهي، جيڪو سال 23-2022 جي 1199.445 ارب رپين بجيٽ ڪاٿن کان 17.65 سيڪڙو وڌيڪ آهي. ان واڌ جو مکيه ڪارڻ حڪومت طرفان تعليم جي شعبي ۾ وڏي پيماني تي ڀرتيون ڪرڻ آهي جنهن سبب ملازمن سان لاڳاپيل خرچن ۾ چڱي خاص واڌ آئي.

## هاڻوڪو موڙي خرچ

سال 24-2023 لاءِ هاڻوڪي موڙي خرچ لاءِ بجيٽ ڪاٿا 136.256 ارب رپيا تجويز ڪيا آهن جيڪي 23-2022 جي 54.481 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن تي 150 سيڪڙو جي وڏي واڌ کي ظاهر ڪن ٿا. اها واڌ مٿاسنا واري ناڻي جو اگهه 186 پاڪستاني رپين مان 300 پاڪستاني رپيا في ڊالر وڌڻ سبب وياج جي ڳري رقم ادا ڪرڻ سبب ٿي آهي جنهن خرچ ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو آهي. سيڙپڪاري جي سرگرمين لاءِ بجيٽ ڪاٿا 88.2 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا جن ۾ مجموعي طور تي 26.0 ارب رپيا سنڌ پينشن فنڊ ۽ 51.0 ارب رپيا وائبلٽي گيپ فنڊ ذريعي پي پي پي جي مختلف ترقياتي منصوبن تي خرچ لاءِ رکيا ويا آهن، جيڪي سال 23-2022 لاءِ 23.6 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن کان ٻيڻو اضافو ظاهر ڪري رهيا آهن.

# ترقياتي خرچ

هلندڙ سال صوبائي ترقياتي خرچن جو ڪاٿو 459.657 ارب رپيا لڳايو ويو هو جنهن جي ڀيٽ ۾ هن سال 24-2023 ۾ 697.103 ارب رپين جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي جنهن ۾ ضلعي ساليانو ترقياتي پروگرام لاءِ مختص ٿيل 30 ارب رپيا بہ شامل آهن.

## وفاقي منتقليون ۽ ورڇ جوڳو پول

جناب اسپيڪر!

وفاقي منتقلين جو انحصار فيڊرل بورڊ آف روينيو ڪان ملندڙ ساليانو وصولين تي هوندو آهي موجوده معاشي حالتن، رُپئي جي قدر ۾ لاٿ، ادائگين جي توازن تي دٻاءَ قومي اقتصادي شعبن تي گهرا اثر ڇڏيا آهن.

ساليانو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اسان وفاقي حڪومت جي عزم جي واکاڻ ڪيون ٿا جن ۾ هن هلندڙ سال ۾ منصوبي مطابق سنڌ جي منتقلين ڪي يقيني بڻايو آهي. اسان اميد ڪيون ٿا تہ ايندڙ مالي سال 24-2023 ۾ بہ ڪاٿن مطابق فنڊ مهيا ڪيا ويندا.

ان اميد سان گڏ، مالي سال 24-2023 لاءِ وفاقي منتقلين لاءِ بجيٽ ۾ 1353.227 ارب رپين جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي جنهن ۾ ورڇ جوڳي پول لاءِ 1255.062 ارب سڌين منتقلين لاءِ 64.424 ارب رپيا ۽ آڪٽراءِ ضلعي ٽيڪس گرانٽ لاءِ 33.741 ارب رپيا شامل آهن. هلندڙ مالي سال 23-2022 ۾ بجيٽ ڪاٿو 1055.53 ارب رپين ۾ 27 سيڪڙو اضافو ڪري ٿو.

## صوبائي وصوليون

روينيو ٽيڪس! گذريل 5 سالن دوران بجيٽ خساري ڪي گهٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ صوبائي اوڳاڙين ڪي متحرڪ ڪرڻ لاءِ ڪجھ مالي سڌارا آندا ويا آهن. ايندڙ مالي سال ۾ واڌو اوڳاڙين جي اميد آهي. ان لاءِ ايندڙ مالي سال 24-2023 لاءِ 469.9 ارب رپيا ٽيڪس لاءِ بجيٽ ڪاٿي ۾ تجويز ڪيا ويا آهن. اسان ايندڙ مالي سال لاءِ اهم آمدني جي وسيلن جا گهربل هدف مقرر ڪيا آهن. خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس لاءِ سال 23-2022 ۾ مقرر ڪيل 180 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ ايندڙ مالي سال 235 ارب رپيا هدف مقرر ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت ايڪسائيز ايند ٽيڪسيشن تحت محصول لاءِ اوڳاڙين جي وصولين جو هدف

143.27 ارب رپيا ۽ بورڊ آف روينيو تحت محصول لاءِ 55.218 ارب رپين جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

## بنا ٽيڪس آمدني

ايندڙ مالي سال 24-2023 لاءِ بناٽيڪس آمدني لاءِ 32.0 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

## پيون اوڳاڙيون

ساليانى اوڳاڙين جي ٻين اهم حصن ۾ پرڏيهي مالي مدد، وفاقي پي ايس ڊي پي ۽ ماليات سهڪاري تخمينا آهن. ايندڙ مالي سال 24-2023 جي مختص بجيٽ ۾ پرڏيهي مالي مدد جي حصن لاءِ 266.691 ارب رپين جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي جيڪو ايشيائي ترقياتي بينڪ، عالمي بينڪ، يو ايس ايڊ ۽ جائيڪا جي پرڏيهي سهڪار جي 29 منصوبن ۾ مدد ڏيندو. وفاقي پي ايس ڊي پي تحت منصوبن لاءِ بجيٽ جو ڪاٿو 22.912 ارب رپيا ۽ 5.92 ارب رپيا بجيٽري سپورٽ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي.

# ٻوڏ جون تباهڪاريون ۽ حڪومتي اپاءَ

## 2022 جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ ۽ حڪومتي اپاءَ

ترقياتي خرچن ڪي حتمي شڪل ڏيڻ وقت اسان ساليانى ترقياتي پروگرام 23-2022 جو جائزو ورتو ۽ ان سان گڏوگڏ ساليانى ترقياتي منصوبا 24-2023 تجويز ڪيا ته جيئن گذريل مالي سال ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ اثرن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿي.

خطرناڪ وسڪارو جنهن کي عام طور تي سانوڻيءَ جو مينهن ڪوٺيو وڃي ٿو اهڙي موسمياتي آفت ملڪ اندر 33 ملين ڪان وڌيڪ ماڻهن کي متاثر ڪيو. جولاءِ ۽ آگسٽ 2022 جي غيرمعمولي تيز برساتن ۾ سنڌ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ صوبو هو جتي 70 سيڪڙو ايراضي پاڻي هيٺ اچي وئي ۽ 12.4 ملين ڪان وڌيڪ ماڻهو پڻ متاثر ٿيا.

صوبي ۾ زندگي جي اٽڪل سمورن حصن کي متاثر ڪندڙ تباهڪارين 2 ملين ڪان وڌيڪ گهر، 3.8 ملين ايڪڙ ايراضي تي بيٺل فصل، اٽڪل 20 هزار اسڪول ۽ ڪيترن

ئي ٻين شعبن کي تباهه ڪيو. سنڌ جي 30 ضلعن مان 24 ضلعن کي آفت سٽيل قرار ڏنو ويو جڏهن تہ هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿيا. تڪڙو رليف ۽ ريسڪيو فراهم ڪرڻ کان علاوه سنڌ حڪومت پنهنجي پائيوارن سان گڏجي بحاليءَ لاءِ ذريعن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ نئين سر تعمير تي ڌيان ڏنو.

تباهي ڪانپوءِ گهربل ضرورتن جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ نقصانن جا انگ اکر گڏ ڪيا ويا جن مطابق سنڌ کي 20 ارب ڊالرز کان وڌيڪ نقصان ٿيو ۽ ڪاٿو لڳائڻ لاءِ هي ڪم 28 آڪٽوبر 2022 تي مڪمل ٿيو. بهرحال هن وقت تائين سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ٻوڏ جو پاڻي اجا تائين بيٺل هو سنڌ حڪومت ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي موثر ايڪشن پلان جوڙڻ لاءِ فور نيشنل آر (Resilient, Recovery, Rehabilitation & Reconstruction) فريم ورڪ سان گڏ ڪم ڪيو. جنهن صوبي جي معاشي ضرورتن جو ڪاٿو 11.6 ارب آمريڪي ڊالر لڳايو. تباهي ڪانپوءِ ضرورتن جي ڪاٿي، بهرحال 9 جنوري 2023 تي جنيوا ۾ ٿيندڙ ڪلائيميٽ ريزيلينٽ پاڪستان ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي وڪالت جو بنياد رکيو. جتي گهڻ ڌري ۽ ٻطرفن پائيوارن ٻوڏ ڪانپوءِ بحالي ۽ نئين سر تعمير لاءِ ملڪ کي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ 10.96 ارب آمريڪي ڊالر امداد جو اعلان ڪيو.

جيتوڻيڪ صوبائي ساليانی ترقياتي پروگرام جا 87 ارب رپيا ٻوڏ سٽيلن جي بحالي لاءِ ڏنا ويا آهن جڏهن تہ نئين سر تعمير جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ وڏو مالي خال رهجي ويو آهي جنيوا ڪانفرنس جي هڪ مهيني اندر سنڌ حڪومت 8 فيبروري 2023 تي ڪراچي ۾ Resilient Sindh: From Pledges to Reconstruction Conference ڪرائي جنهن ۾ گهڻ ڌُري، ٻطرفي پائيوارن، خانگي شعبي جي 300 کان وڌيڪ اهم شخصيتن ۽ غيرسرڪاري ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. جن جي بنيادي ڊانچي جي نئين سر تعمير ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ همت افزائي ڪئي وئي.

سنڌ حڪومت رڪارڊ مدي ۾ ترقي جي پائيوارن سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ خاص طور تي عالمي بينڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ سان گڏجي 2 ارب ڊالرن کان وڌيڪ خرچ سان ٻوڏ ڪانپوءِ بحالي ۽ نئين سر تعمير لاءِ رٿائون تخليق ڪرڻ تي ڪم ڪيو.

## حڪومت هيٺين معاملن تي ڌيان ڏئي رهي آهي:

- ڊگهي مدي ۽ گهٽ خرچ واري موسمياتي اثر برداشت ڪرڻ واري رهائش جي فراهمي
- زرعي سرگرمين ۽ زندگي جي ضرورتن جي ٻيهر شروعات
- تباهه ٿيل آبپاشي جي بنيادي ڍانچي جي نئين سر تعمير
- تباهه ٿيل پراونشل هاءِ ويز ۽ لنڪ روڊز جو ڍانچو
- برساتي پاڻي جي نيڪال وارين سهولتن جي بحالي
- تعليم ۽ صحت جي تباهه ٿيل سهولتن جي بحالي.

عالمي بينڪ جي سهڪار سان شروع ٿيل منصوبي ”سنڌ فلڊ ايمرجنسي ري ڪنسٽرڪشن پروجيڪٽ“ جو مقصد سنڌ جي 24 ضلعن ۾ متاثر ماڻهن لاءِ موسمياتي اثر برداشت ڪندڙ گهرن جي تعمير آهي جنهن ۾ متاثر ماڻهن کي جن جا گهر جزوي طور يا مڪمل طور متاثر ٿيا آهن کي ترتيب موجب 3 لکن ۽ 50 هزار رُپين جي مالي سهائتا ڪئي ويندي. تباهه ٿيل گهرن جي تعداد جو تخمينو اٽڪل 2.1 ملين لڳايو ويو آهي تنهن هوندي به پهرئين مرحلي ۾ 3 لک پنجاهه هزار گهر جيڪي مڪمل يا جزوي طور تي تباهه ٿيا انهن لاءِ مالي امداد ڏني ويندي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ ڀيري فرمايو هو ته:

**”شهر ڀتين سان نه پر ماڻهن سان جڙندو آهي“**

سنڌ حڪومت لاءِ هي منصوبو رُڳو گهرن جي ٻيهر تعمير ناهي پر اُن کان به وڌيڪ اهميت رکي ٿو. پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام کي بااختيار بڻائڻ ۾ يقين رکي ٿي تنهنڪري پ پ پ چيئرمين اهو فيصلو ڪيو آهي ته هر متاثر کي ايراضيءَ جو مالڪاڻو حق ڏنو ويندو.

ان کان علاوه سنڌ حڪومت عالمي بينڪ جي سهڪار سان هڪ ٻيو جامع منصوبو Sindh Floor Emergency Rehabilitation Project تي ڪم ڪري رهي آهي جنهن تحت هن وقت تائين 208 گهارن کي بند ڪرڻ ۽ 11 ننڍن ڊيمن کي بحال ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻيا اهم ڊرينيج جا ڪم 2023-24 ۾ به جاري رکيا ويندا. ان منصوبي تحت 19 ضلعن ۾ اسان 932.85

ڪلوميٽر ڊگها 168 روڊ تعمير ڪنداسين، ان کان علاوه سال 2022 ۾ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ 2904 برساتي پاڻي جي نيڪال وارن منصوبن جي بحالي ۽ متاثر في خاندان ۾ 17500 کان 850000 رپين تائين روڪ رقم ڏني ويندي.

هي منصوبو وڏيڪ 9 ضلعن ۾ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 جو دائرو وڌائڻ (10 ضلعن ۾ اڳ ئي سنڌ رزيلينٽ پروجيڪٽ هلندڙ آهي) روڊ حادثن ۾ ٿيندڙ فوتگين جي تدارڪ لاءِ هاءِ ويز ۽ موٽر وي تي 15 سيٽلائيٽ اسٽيشنز قائم ڪيون وينديون.

ايشيائي ترقياتي بينڪ جي سهڪار سان سنڌ حڪومت ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڳتيل آبادي وارن علائقن جو احاطو ڪندي ٻوڏ ۽ برسات سبب متاثر ٿيل 805 ڪلوميٽر روڊن جي بحالي لاءِ Emergency Flood Assistance Project تي ڪم ڪري رهي آهي.

سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ تحت سنڌ حڪومت 2085389 ايڪڙ ايراضي ۾ ڪٽڪ جي سبسڊي جي هدف سان گڏ 296819 آبادگارن جي رجسٽريشن ڪئي آهي جن ۾ 12.5 ايڪڙ ايراضي رکندڙ 234007 آبادگار ۽ 12.5 ايڪڙ کان 25 ايڪڙ ايراضي رکندڙ 62812 آبادگار شامل آهن.

ان کان علاوه ورلڊ بينڪ سان گڏ حڪومت سنڌ 2 وڏيڪ اهم منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي.

### 1. سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي فراهمي واري نظام جي توسيع

هن منصوبي ذريعي صحت ۽ غذائي خدمتن جي بهتري ۽ زندگيءَ جي پهرئين هزار ڏينهن دوران ڳورهاري عورتن ۽ 2 سال کان گهٽ عمر وارن ٻارڙن جي مائرن لاءِ مشروط روڪ رقم جي منتقليءَ واري پروگرام تي عملدرآمد ڪيو ويندو، هن منصوبي سان سنڌ جي 15 ضلعن اندر 13 لک ڳورهاري عورتن ۽ ٻن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارڙن جي مائرن کي فائدو رسندو.

2. **سنڌ انٽريگريٽيڊ هيلٿ اينڊ پاپوليشن:** هن منصوبي ذريعي 392 سرڪاري ڊسپينسرين، 97 رورل هيلٿ سينٽر، 39 تعلقي هيڊڪوارٽر اسپتالن، 20 پبلڪ هيلٿ ۽ ڪميونٽي مڊوائيوز اسڪولن جي بحالي ۽ انهن جو درجو وڌائڻ کان علاوه مڪمل تباهه ٿيل 121 بنيادي صحت مرڪزن کي نئين سر تعمير ڪيو ويندو.

ٻوڏ ڪانپوءِ بحالي ۽ نئين سر تعمير جي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ بي مثال مدد فراهم ڪرڻ تي سنڌ حڪومت عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر Najy Benhassine جي ڪوشش جي واکاڻ ڪري ٿي. اسان 2022 جي ٻوڏ جي تباهڪارين ڪانپوءِ حڪومتي ڪوششن ۾ بهتر مدد فراهم ڪرڻ تي اسان ايشيائي ترقياتي بينڪ، گڏيل قومن جي ادارن ۽ ٻين بين الاقوامي ڀائيوارن جا ٿورائتا آهيون ۽ انهن جي ڪوششن کي قدر جي نگاهه سان ڏسئون ٿا.

جيتوڻيڪ اسان گهڻو ڪجهه ڪيو آهي پر اجا بہ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي بين الاقوامي سطح تي قوم جي ڪيس جي پيروي ڪرڻ تي اسان وفاقي حڪومت جا بہ ٿورائتا آهيون، چيف سيڪريٽري سنڌ جو بہ سموريون سرگرميون بهتر انداز سان جاري رکڻ ۾ مرڪزي ڪردار رهيو آهي.

ٻوڏ جي سلسلي ۾ ساليانى ترقياتي منصوبي کي نئين سر ترتيب ڏئي ۽ رڪارڊ مدي ۾ فلڊ ايمرجنسي پروجيڪٽس لاءِ ڊولپمينٽ پارٽنرز کان زبردست مدد وٺڻ لاءِ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جي چيئرمين ۽ ان جي ٽيم بهترين ڪم ڪيو. آءٌ آبپاشي کاتي، ورڪس اينڊ سروسز، زراعت، صحت ۽ ٻين کاتن جي ڪوششن جي واکاڻ ڪيان ٿو جن ٻوڏ ڪانپوءِ بحالي لاءِ منصوبا جوڙيا ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو. هن موسمياتي تباهي ڪانپوءِ نئين سر بحالي لاءِ مقامي وسيلا ڪٽب آڻڻ انتهائي لازمي آهي.

## ترقياتي خرچ

### نظرثاني ٿيل ڪاٿو 23-2022 (ساليانو ترقياتي منصوبو)

مالي سال 23-2022 لاءِ ترقياتي خرچ جو نظرثاني ٿيل ڪاٿو 406.322 ارب رپيا لڳايو ويو آهي، ان ۾ صوبائي ساليانى ترقياتي پروگرام لاءِ 226 ارب رپيا ۽ ضلعي ساليانى ترقياتي پروگرام لاءِ 20 ارب رپيا پرڏيهي سهڪاري منصوبن لاءِ 147.822 ارب رپيا ۽ پي ايس ڊي پي منصوبن لاءِ 12.5 ارب رپيا شامل آهن. صوبائي ساليانى ترقياتي پروگرام (23-2022) 4158 منصوبن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ جاري منصوبن لاءِ 253.146 ارب رپيا 1652 نين اسڪيمن لاءِ 79.019 ارب رپيا ڪاٿو شامل آهن.

## بجيٽ ڪاٿو 24-2023 (ساليانو ترقياتي منصوبو)

جناب اسپيڪر!

مالي سال 24-2023 لاءِ ترقياتي خرچن لاءِ بجيٽ جو ڪاٿو 689.603 ارب رپيا تجويز ڪيو ويو آهي، ان ۾ صوبائي ساليانو ترقياتي پروگرام لاءِ 380.5 ارب رپيا ۽ ضلعي ساليانو ترقياتي پروگرام لاءِ 30 ارب رپيا، پرڏيهي سهڪاري منصوبن لاءِ 266.691 ارب رپيا ۽ وفاقي پي ايس ڊي پي منصوبن جن تي سنڌ حڪومت پاران عملدرآمد ٿي رهيو آهي، انهن لاءِ 12.412 ارب رپيا شامل آهن.

## ساليانو ترقياتي پروگرام 24-2023 جون نمايان خصوصيتون:

هاڻي آءٌ ساليانو ترقياتي پروگرام 24-2023 جي نمايان خاصيتن تي روشني وجهندس.

جناب اسپيڪر!

مالي سال 24-2023 لاءِ صوبائي ترقياتي خرچ 5248 منصوبن تي ٻڌل آهي، جن ۾ 291.727 ارب رپيا 3311 هلندڙ منصوبن ۽ 88.273 ارب رپين جا 1937 نوان منصوبا شامل آهن. اسانجو ڌيان اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ تي آهي، جنهن لاءِ بجيٽ جو 80 سيڪڙو رکيو ويو آهي. پرڏيهي سهڪار وارن منصوبن جي وڌيل پڪيڙ ٻوڏ سبب تباهه ٿيل بنيادي ڍانچي جي بحالي ۽ نئين سر تعمير لاءِ نوان منصوبا شروع ڪرڻ سبب آهي.

ايندڙ سال جي بجيٽ ۾ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل ترقياتي منصوبن لاءِ 34.69 ارب رپيا رکيا ويا آهن اهڙي ريت صحت جي شعبي ۾ خدمتن جي فراهمي وارن منصوبن لاءِ 19.739 ارب رپيا ۽ گهرو ڪاتي جي ترقياتي منصوبن لاءِ 11.517 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ان ڪان علاوه آبپاشي واري شعبي ۾ ايندڙ سال ترقياتي سرگرمين لاءِ 25 ارب رپيا رکيا ويا آهن. مڪاني ادارن، هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ جي منصوبن لاءِ 62.5 ارب رپين جي وڏي رقم رکي آهي، ان سان گڏوگڏ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ڳوٺاڻي ترقي جي منصوبن لاءِ 24.35 ارب رپيا دستياب هوندا، جڏهن تہ ورڪس اينڊ سروسز پاران سرڪاري عمارتن ۽ روڊس نيٽ ورڪ جي ترقياتي منصوبن لاءِ 89.05 ارب رپيا ميسر هوندا.

## پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت جون ڪاميابيون

### گذريل سالن ۽ مالي سال 24-2023 جون جهلڪيون

جناب اسپيڪر!

ايندڙ مالي سال جي شروعات ۾ سنڌ اندر پاڪستان پيپلزپارٽي جي موجوده حڪومت جو مدو پورو ٿيندو، اسان صوبي کي پنهنجي اقتداري دور ۾ رڪيل پيڙهه تي تعمير ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي ۽ ان اهم موڙ تي ماڻهو نه رُڳو اهو ڄاڻندا پر ان ڳالهه کي مڃيندا به ته پ پ پ جي حڪومت پاڻ کي پاڪستان جي ترقي پسند صوبي ۾ تبديليءَ لاءِ اڻٿڪ جدوجهد ڪئي آهي. تازين مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي وڏي ڪاميابي اسانجي بزرگن سان ڪيل واعدن جي تصديق آهي غيرجانبداري، برابري ۽ شفافيت واري روايت ڇڏي پيا وڃون، جيتوڻيڪ هي موقعو اسان لاءِ فخر جوڳو آهي، پر اهو اسانکي معاشي بي يقيني جي حقيقت کان پڻ آگاهه ڪري ٿو. گذريل پنجن سالن جي ڪهاڻي جيڪا غيرمعمولي واقعن سان ڀريل آهي جن دُنيا اندر غيرمعمولي تبديليون آنديون جن خاص طور تي ڪورونا جي وبا جنهن کان پاڪستان به محفوظ نه رهي سگهيو. قومي ۽ بين الاقوامي تبديلين عام ماڻهو تي گهرا اثر ڇڏيا آهن، ان باوجود پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت قدرن ۽ بصيرت مطابق صوبي ۾ سياسي ۽ اقتصادي استحڪام کي يقيني بڻايو ۽ گڏيل قومي جدوجهد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندي.

هاڻي آءٌ هن معزز ايوان جي آڏو پنهنجي دور جي ڪارڪردگي ۽ سال 23-2022 ۾ اهم شعبن ۾ حاصل ٿيندڙ ڪاميابين جا اهم نڪتا پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ مالي سال 24-2023 جون ترجيحون طئي ڪرڻ تي روشني وجهندس.

# تعليم

تعليم عالمي سطح تي تمام گهڻو ضروري سيڙپ ۽ مجيل شعبو جيڪو تبديليءَ جو تمام اثرائتو جُز آهي. اسان جو مقصد هڪجهڙي جامع ۽ معياري تعليم تائين سڀني جي رسائي کي بهتر بڻائڻ آهي. اسان مالي سال 24-2023 ۾ تعليم جي شعبي لاءِ 312.245 ارب رپيا رکيا آهن جيڪي گذريل سال جي بجيٽ 292.47 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 7 سيڪڙو اضافي آهن. مالي سال 24-2023 لاءِ مختص ٿيل بجيٽ هيٺئين مقصدن لاءِ ڪتب آندي ويندي.

## استادن جي ڀرتي

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هي سال تعليم کاتي ۽ آءِ بي اي سڪر جي ٽپائيٽي واري امتحان ۽ ويريفڪيشن واري عمل تحت اهليت جي بنياد تي 58 هزار پرائمري ۽ مڊل اسڪول ٽيچر جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جي ڀرتي جو سال رهيو آهي. سمورن استادن کي پوسٽنگ کان اڳ تربيت ۽ انهن کي استادن ۽ شاگردن جي شرح واري پاليسي تحت اسڪولن ۾ پوسٽنگ ڏني وئي آهي، جڏهن تہ صوبي ۾ تعليمي شعبي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ 24-2023 لاءِ 2582 استادن جون آساميون پيدا ڪيون ويون آهن.

## پرائمري استادن جي اپ گريڊيشن (نوان ڀرتي ٿيل)

نون ڀرتي ٿيل پرائمري استادن جن جي گريجوئيشن ٿيل آهي اُنهن کي بي ايس 9 مان بي ايس 14 ۾ اپ گريڊ ڪيو ويو آهي.

## اسڪول اپ گريڊيشن

اسڪولن کي اپ گريڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ 57 پرائمري اسڪولن جو درجو وڌائي انهن کي مڊل اسڪول جو درجو ڏنو ويو آهي جڏهن تہ 15 مڊل اسڪولن کي سيڪنڊري اسڪول جو درجو ڏنو ويو آهي ساڳئي ريت گريجوئيشن جي ڊگري رکندڙ پرائمري استادن کي بي ايس 9 کان بي ايس 14 ۾ اپ گريڊ ڪيو ويندو. وڌيڪ اهو تہ 150 سيڪنڊري

اسڪولن کي هائير سيڪنڊري اسڪول طور اپ گريڊ ڪري رهيا آهيون جڏهن ته 846.709 ملين رپين جي مالي خرچ سان 892 نين نوڪرين جي منظوري پڻ ڏني ويئي آهي.

## ڪاليجز جي صلاحيتن ۾ اضافو

سنڌ جي ڪاليجن لاءِ 26.78 ارب رپيا رکيا ويا آهن جنهن ۾ 400 ملين رپيا فرنيچر اينڊ فڪسچر ۽ 425 ملين رپيا ڪاليجز جي عمارتن جي مرمت جا شامل آهن. ان سان گڏوگڏ اسان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي 1500 ليڪچرار پڻ ڀرتي ڪري رهيا آهيون گڏوگڏ ايندڙ مالي سال لاءِ 23 نوان ڪاليجز قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون جنهن سان 445 نيون نوڪريون پيدا ٿينديون ۽ 403 ملين رپين جي خرچ سان سامان خريد ڪيو ويندو.

## هائير ايجوڪيشن ڪميشن سنڌ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ.

مالي سال 24-2023 لاءِ ڪُل بجيٽ 23.076 ارب رپين مان سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي مضبوطي لاءِ 987.8 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن، جڏهن ته يونيورسٽين جي گرانٽ 569 ملين رپين کان وڌائي 987.8 ملين رپيا ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه ايندڙ مالي سال ۾ سمورين سرڪاري يونيورسٽين جي گرانٽ 17.4 ارب رپين مان 25.2 ارب رپين تائين وڌائي وئي آهي.

## سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن لاءِ گرانٽ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي شاندار ڪارڪردگي جي مڃتا طور اسان ان جي بجيٽ 13.299 ارب مان وڌائي 15.600 ارب رپيا، 2.3 ارب رپين جي حساب سان وڌائي آهي. سنڌ حڪومت تازو ئي فائونڊيشن تحت ايڪسلريٽيڊ ڊجيٽل لرننگ پروگرام جي نالي سان هڪ نئون پروگرام متعارف ڪرايو آهي هن پروگرام تحت فائونڊيشن ٽيچ دي ورلڊ فائونڊيشن جي ڀائيواري سان صوبي ۾ اسڪول نه ويندڙ ٻارڙن جي حوالي سان ڪم ڪندي جنهن سان سيکارڻ واري عمل سان گڏوگڏ سماجي ۽ معاشي قدرن ۾ بهتري ايندي.

سيف ۽ ٽي ٽي ڊبليو ايف تحت گڏيل طور شروع ٿيل ايڪسلريٽيڊ ڊجيٽل لرننگ پروگرام جون خصوصيتون ڪجھ هن ريت آهن:

(1) هي پروگرام پائليٽ طور 24-2023 ۾ شروع ڪيو ويندو.
(2) سڄي صوبي ۾ 125 مائڪرو اسڪول ڪوليا ويندا جن ۾ 12500 شاگردن کي سکيا ڏيڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.
(3) سکيا ونندڙن کي اينڊرائيڊ ٽيبليٽ ڏنا ويندا، جنهن ۾ هر شاگرد جو پروفائيل هوندو ۽ انهن کي پاٽمرادو سکيا واري ايپليڪيشنز سيڪاريون ويندون.
(4) حڪومت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تحت ايڪسلريٽيڊ ڊجيٽل لرننگ پروگرام لاءِ 710 ملين رپيا تجويز ڪيا آهن.

## مفت تدريسي ڪتابن جي ورهاست

سڄي صوبي ۾ مفت تدريسي ڪتابن جي ورهاست لاءِ 2.53 ارب رپيا رکيا ويا آهن، اضافي طور 1.553 ارب رپيا اسڪول نه ويندڙ ٻارن جي مسئلي جي حل لاءِ غيرنصابي تدريسي مرڪز کولڻ لاءِ ڪتب آندا ويندا.

## DEEP ۽ ASPIRE جا منصوبا

نياڻين جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اسان نياڻين جي وظيفي لاءِ 800 ملين رپيا جڏهن ته خصوصي ٻارڙن لاءِ 140 ملين رپيا مختص ڪيا آهن.

يورپي يونين سان ڪامياب ڳالهين تحت حڪومت يورپي يونين جي تعليم واري ترقي جي اضافي پروگرام DEEP تحت مالي سهڪار حاصل ڪري ورتو آهي. DEEP جي ايجوڪيشن سيڪٽر پلان جي عملدرآمد لاءِ مختص بجيٽ 5.0 ارب مان وڏائي 8.0 ارب رپيا ڪئي وئي آهي ۽ تباهه ٿيل اسڪولن جي بحالي لاءِ 3.0 ارب مختص ڪيا ويا آهن. ساڳي ريت يورپي يونين جي منصوبي ASPIRE ايڪشن آف اسٽريٽن پرفارمنس فار انڪليوسو اينڊ ريسپانسو ايجوڪيشن تحت اضافي سهڪار پڻ حاصل ڪري ورتو آهي، جنهن تحت ساليانِي بجيٽ 2.161 ارب رپين مان وڏائي 4.114 ارب رپيا ڪئي وئي آهي.

## وفاقي حڪومت کان اين سي ايڇ ڊي ۽ بي اي سي ايڇ ايس جا استاد حاصل ڪرڻ

اسان وفاقي حڪومت کان اين سي ايڇ ڊي ۽ بي اي سي ايڇ ايس جا 5125 استاد حاصل ڪري ورتا آهن ۽ انهن کي ساليانو 1.537 ارب رپيا پگهارن جي مد ۾ فراهم ڪيا

پيا وڃن، سنڌ حڪومت تجويز ڪيل ادارن کان ملندڙ تعليمي اثاثن لاءِ 1.605 ارب رپيا مختص ڪيا آهن.

### پبلڪ اسڪول جي گرانٽ

اسان جي تعليمي شعبي کي بهتر بڻائڻ واري سچائي جي عڪاسي پبلڪ اسڪول جي گرانٽ ان ايڊ 140 ملين رپين مان وڌائي 400 ملين رپيا ڪرڻ مان ٿئي ٿي، ان کان علاوه اسڪول ۽ ڪاليج جي ترتيبوار مرمت ۽ سارسنڀال لاءِ 5 ارب ۽ 425 ملين رپيا پڻ رکيا ويا آهن.

### اسٽيوٽا لاءِ گرانٽ

اسان سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي لاءِ سالياني گرانٽ 2.0 ارب رپيا مختص ڪرڻ جي صورت ۾ مدد جاري رکي آهي ۽ ايندڙ مالي سال دوران بينظير ڀٽو شهيد هيومن ريسورسز اينڊ ريسرچ ڊولپمينٽ بورڊ لاءِ 1.250 ارب رپيا گرانٽ رکي وئي آهي.

## صحت جون سهولتون

صحت جي شعبي ۾ سيڙپڪاري معاشرن کي محفوظ ۽ صحتمند معاشري سان گڏ معاشي حالت کي پڻ بهتر بڻائي ٿي. صحت جي سهولتن لاءِ سال 23-2022 جي مختص ڪيل غيرترقياتي سرگرمين لاءِ بجيٽ 196.454 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 214.547 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. اسان سال 23-2022 ۾ بيمارين تي ضابطو آڻڻ، احتياطي پروگرام هلائڻ، عام ماڻهن کي صحت جون سهولتون آسانيءَ سان مهيا ڪرڻ ۽ صحت جي بنيادي ڍانچي لاءِ 233 ارب رپيا خرچ ڪيا آهن. حڪومت جي موجوده مدي دوران هيپاٽائيٽس بي ، سي ۽ ڊي جي 2.4 ملين مريضن کي دوائون ۽ ويڪسين مهيا ڪيون ۽ 139.686 اسڪوائر ڪلوميٽر جي علائقن ۾ مليريا کان بچاءَ جو ڦوهارو ڪرايو آهي، جڏهن ته 10.9 ملين مريضن کي 23-2022 دوران اسڪريننگ، ٽيسٽ ۽ دوائن جي سهولت ڏني آهي. بنيادي ڍانچي جي ترقي لاءِ هلندڙ مالي سال ۾ 219 جاري ۽ نين رٿائن لاءِ 2.39 ارب رپيا خرچ ڪيا آهن. 14 رٿائون جون 2023 تائين مڪمل ٿيڻ واريون آهن، جڏهن ته ڪارڪردگي جي

بنيادي 1272 صحت مرڪزن جي انتظامڪاري نيڪي تي ڏني وئي آهي جنهن سان سڄي صوبي ۾ صحت جي سهولتن ۾ وڌيڪ بهتري ايندي.

## سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT) ڪراچي لاءِ گذريل سال جي پيٽ ۾ 5.0 ارب رپين جي اضافي سان 15.316 ارب رپيا گرانٽ رکي وئي آهي، اهي فنڊز مالي سال 24-2023 دوران 2 روبوٽ سرجري سسٽم (بي آءِ يو ٽي شهيد بينظيرآباد لاءِ هڪ سسٽم ۽ هڪ سسٽم ايس آءِ يو ٽي لاڙڪاڻو، مهرالنساءَ ميڊيڪل ڪامپليڪس SIUT ڪراچي ۽ سکر ميڊيڪل ڪامپليڪس SIUT ۾ لڳائڻ توڙي خريداري لاءِ استعمال ڪيا ويندا.

## پير عبدالقادر شاھ جيلاني انسٽيٽيوٽ آف گمبٽ لاءِ گرانٽ

پير عبدالقادر شاھ جيلاني انسٽيٽيوٽ آف گمبٽ لاءِ 6.0 ارب رپيا رکيا ويا آهن جنهن ۾ ڪينسر جي مريضن لاءِ 845.246 ملين رپين جي خرچ سان لانيئر ايڪسپلريٽر هائي فيلڊ ايم آر آءِ جي خريداري به شامل آهي، جڏهن ته غريب مريضن جي علاج لاءِ 1.023 ارب رپين جي خرچ سان هڪ روبوٽ سرجيڪل سسٽم جي خريداري پڻ ڪئي ويندي.

## بون ميرو ٽرانسپلانٽيشن اينڊ ڪڊني سينٽر

ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ڪراچي ۾ بون ميرو ٽرانسپلانٽيشن جي مريضن جي علاج لاءِ 60 ملين رپيا رکيا ويا آهن. جڏهن ته ڪڊني سينٽر ڪراچي جي گرانٽ ان ايڊ جي مد ۾ 200 ملين رپيا فراهم ڪيا پيا وڃن.

## انڊس اسپتال ڪراچي لاءِ گرانٽ

ايندڙ مالي سال 24-2023 ۾ انڊس اسپتال ڪراچي جي گرانٽ کي 2.5 ارب رپين مان وڌائي 4 ارب رپيا، جڏهن ته انڊس اسپتال ڪراچي جي توسيعي گرانٽ کي 1 ارب رپيا مان وڌائي 4 ارب رپيا ڪيو پيو وڃي.

## جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (جي پي ايم سي) لاءِ گرانٽ

ايندڙ مالي سال 2023-24 جي بجيٽ ۾ جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) جي لاءِ 2،713 نئين آسامين سان گڏ 7.196 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جڏهن ته عوام جي صحت جي مفت سهولتن جي فراهمي کي ممڪن بڻائڻ جي لاءِ هيٺيان قدم شامل آهن:

- اسپتال ۾ بسترن جو انگ 1100 مان 2208 ڪيو ويو آهي.
- هفتي ۾ 24 ڪلاڪ صحت جي سهولتن کي يقيني بڻائڻ لاءِ 1925 تجربيڪار سينيئر ڊاڪٽرز، اسٽاف نرسز ۽ ٽيڪنيشن عملي جون خدمتون ورتيون پيون وڃن.
- مالي سال 2023-24 ۾ 4258 نئين آسامين سان مالي وسيلن کي 7.196 ارب رپين مان وڌائي 11.217 ارب رپيا ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٻين خرچن جا تفصيل هن ريت آهن.
  - جناح اسپتال ۾ سائبر نائيف سسٽم جي خريداري ۽ ان کي نصب ڪرڻ لاءِ 1.095 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
  - جناح اسپتال ۾ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جي گرانٽ کي 240ملين رپين مان وڌائي 640 ملين رپيا ڪيو ويو آهي.
  - روبوٽيڪ سرجيڪل سسٽم جي خريداري لاءِ 200 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
  - پوسٽ گريجوئيٽ ( PGs) جي 180 اضافي جاين لاءِ 225.482 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
  - شاگردن ۽ تربيت هيٺ نرسز جي 165 اضافي جاين لاءِ 59.400 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## ٻين ادارن لاءِ رکيل رقم

- پرائمري هيلٿ ڪيئر جي سرگرمين لاءِ PPHI کي 12.750 ارب رپيا ڏنا پيا وڃن.
- ايندڙ مالي سال 2023-24 ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ٽراما ڪراچي جي گرانٽ کي 2.4 ارب رپين مان وڌائي 3.1 ارب رپيا ڪرڻ سان گڏ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي لاءِ 600 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

- سيد عبدالله شاه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ شريف ڄامشورو جي گرانٽ کي 1.35 ارب رپين مان وڌائي 1.85 ارب رپيا ڪيو ويو آهي.
- سنڌ انسٽيٽيوٽ آف انڊواسڪوپي اينڊ گيسٽرولوجي(SIAG) ڊاڪٽر ايم کي رٿفائو سول اسپتال ڪراچي لاءِ 750 ملين رپين جي گرانٽ رکي وئي آهي.
- ان کان سواءِ سنڌ حڪومت پاران غريب مريضن کي ڊائلاسز جي مفت سهولت جي فراهمي لاءِ مختلف ادارن لاءِ 205 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## صحت جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ فلاحي ادارن، ٽرسٽ ۽ غير سرڪاري تنظيمن لاءِ گرانٽ

سنڌ حڪومت عوام کي موذي بيمارين جي مفت علاج جي سهولتن کي يقيني بڻائي رهي آهي ان مقصد جي لاءِ سنڌ حڪومت پاران صوبي جي غريب عوام جي فلاح ۽ ڀلائي لاءِ گرانٽ ان ايڊ/ سنگل لائن گرانٽ جي مد ۾ 85.161 ارب رپيا مختلف فلاحي ادارن، ٽرسٽ ۽ غير سرڪاري تنظيم لاءِ رکيا ويا آهن.

## ورٽيڪل پروگرام

سنڌ حڪومت پاران صحت جي سهولتن کي ترجيحن ۾ شامل ڪندي ايندڙ مالي سال 24-2023 ۾ 6 سيڪٽرو واڌارو ڪندي سنڌ ۾ جاري 9 ورٽيڪل پروگرامن جي مد ۾ 10.102 ارب رپيا رکيا آهن.

## ٿيليسيميا جي مريضن کي مفت علاج جي فراهمي

ٿيليسيميا جي مريضن کي مفت علاج جي فراهمي لاءِ 13 مختلف ادارن ۽ غير سرڪاري ادارن کي گرانٽ ان ايڊ جي مد ۾ ايندڙ مالي سال 2023-24 ۾ 434 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## ٻارڙن لاءِ صحت جي سهولت جي فراهمي

مالي سال 2023-24 ۾ سنڌ حڪومت پاران صوبي ۾ ٻارڙن کي صحت سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص رقم رکي وئي آهي.

### مالي سال 24-2023 ۾ صحت جي سهولت لاءِ رقم جا تفصيل هن ريت آهن:

I. ٻارڙن جي 3 سهولت مرڪز لاءِ 1.950 ارب رپيا

II. Accelerated Action Planزرعي شعبي پاران ٻارڙن ۾ واڌ ويجھ جي مسئلن ۽ غذائيت جي ڪوٽ جو شڪار ٻارڙن لاءِ 453.625 ملين رپيا.

III. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي جي گرانٽ کي 200ملين رپين مان وڌائي 300 ملين رپيا ڪيو ويو آهي.

IV. ماٺهن کي صحت جون سهولتون ڏيندڙ 4 ادارن جي گرانٽ ان ايڊ لاءِ 2.612 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي صوبي جي 9 مختلف اسپتالن ۾ ٻارڙن جي علاج لاءِ ايمرجنسي رومز چائلڊ لائيف فائونڊيشن جي حوالي ڪيا ويا آهن. انهن اسپتالن ۾ سول اسپتال ڪراچي، نيشنل انسٽيٽيوٽ فار چائلڊ هيلٿ، سنڌ گورنمينٽ اسپتال ڪورنگي نمبر 5، عباسي شهيد اسپتال ڪراچي، لياري جنرل اسپتال ڪراچي، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهه، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻو، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر ۽ لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ڄامشورو شامل آهن.

### نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ(NICH) ڪراچي

هلندڙ مالي سال 23-2022 ۾ نيشنل چائلڊ هيلٿ ڪراچي لاءِ 1,235 نين آسامين سان گڏ 1.758 ارب رپيا رکيل هئا، جڏهن ته وڌيڪ سڌارن لاءِ هيٺيان قدم کنيا ويا آهن:

- بسترن جي تعداد کي 443 مان وڌائي 553 ڪيو ويو آهي.
- هفتي ۾ 24 ڪلاڪ سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ 310 تجربيڪار سينيئر ڊاڪٽر، اسٽاف نرس ۽ هنرمند ٽيڪنيشنز جون ڀرتيون شامل آهن.
- مالي سال 24-2023 ۾ 1,262 نئين آسامين پيدا ڪرڻ سان گڏ خرچ جو ڪاٿو 1.758 ارب رپين مان وڌائي 2.067 ارب رپيا لڳايو ويو آهي.

## طبي تعليم

گذريل مالي سال 2022-23 ۾ 10.519 ارب رپيا جي ڪاٽي جي مقابلي ۾ هن سال 2023-24 ۾ ميڊيڪل ايجوڪيشن جي شعبي جي لاءِ 13.252 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جڏهن تہ يونيورسٽين ۾ هائوس جاب ۽ پوسٽ گريجوئيٽ وضيفن ۾ واڌارو ڪرڻ سان گڏ خالي جاين جو تعداد پڻ وڌايو ويو آهي.

**ميڊيڪل يونيورسٽين لاءِ وظيفا ۽ امداد:** هلندڙ مالي سال 2022-23 ۾ ڪاٽو لڳايل 2.881 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ ايندڙ مالي سال 2023-24 ۾ 5 ميڊيڪل يونيورسٽين لاءِ گرانٽ ان ايڊ جي مد ۾ 4.162 ارب رپين جو اضافو ڪيو ويو آهي، جن ۾ جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچي، ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ۽ پيپلز يونيورسٽي ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز فار وومين شهيد بينظير آباد شامل آهن. هلندڙ مالي سال ۾ 2.881 ارب رپين جي ڪاٽي جي مقابلي ۾ 5 ميڊيڪل يونيورسٽين جي پوسٽ گريجوئيٽ شاگردن ۽ هائوس جاب آفيسرن جي وظيفي ۾ سال 2023-24 ۾ 3.073 ارب رپيا اضافي رکيا ويا آهن.

## قومي طبي سهڪار پروگرام

سنڌ حڪومت عالمي بينڪ جي سهڪار سان قومي طبي سهولت پروگرام وسيلي سنڌ صوبي جي مختلف علائقن ۾ غريب ۽ پنتي پيل عوام لاءِ صحت جي سهولتن جي فراهمي تي خاص پروگرام شروع ڪري رهي آهي. 258 ملين ڊالرIDA CREDIT جي لاڳت سان قومي صحت سهولت جي تحت شروع ڪيل منصوبي ۾ سنڌ حڪومت پاران 63.7 ملين آمريڪي ڊالرز رکيا ويا آهن جنهن ۾ يونيورسل هيلٿ ڪوريج تحت پرائمري هيلٿ ڪيئر لاءِ 2 منصوبن جنهن ۾ PAY FOR RESULT ۽ INPUT BASE APROACH شامل آهي. 4 سالن واري هن منصوبي جو وقت 2022 کان 2026 تائين رکيل آهي. هن منصوبي جو اولين مقصد صوبي ۾ ضلعي ۽ علائقائي هلندڙ صحت، غذائيت ۽ آبادي لاءِ شروع ڪيل اُپائن جي نتيجن کي بهتر بنائڻ آهي.

### صحت جون هنگامي سهولتون ۽ موبائل تشخيص

سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل ڊائريڪٽوريٽ آف موبائل ڊائگنوسز اينڊ ايمرجنسي هيلٿ ڪيئر سروس جي آپريشنل سرگرمين لاءِ 265.93 ملين رپيا رکيا ويا آهن مالي سال 24-2023 ۾ سنڌ جي ست ضلعن جي ڳوٺن ۽ پنتي پيل علائقن ۾ موبائل هيلٿ ڪيئر يونٽس جي سهولت شروع ڪئي ويندي.

### سنڌ ايمرجنسي سروس- ريسڪيو 1122

سنڌ حڪومت پاران صوبي اندر ڳوٺن ۾ صحت جي سهولتن کان وانجهيل ماڻهن لاءِ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس شروع ڪئي وئي آهي، سنڌ حڪومت پاران هيلپ لائن 1122 سان گڏ خودمختيار ۽ مربوط ايمرجنسي ريسپانس سروس قائم ڪرڻ لاءِ آءِ ڊي اي گرانٽ حاصل ڪئي وئي، اها ايمرجنسي سروس مئي 2022 کان جاري آهي، جنهن کي مڪمل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سسٽم تحت 203 ايمبولينسز وسيلي سنڌ جي اٺن ضلعن ۾ هلايو پيو وڃي.

### ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ

ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ سسٽم کي جديد ضرورت کي نظر ۾ رکندي گذريل سال 23-2022 ۾ رکيل 6.9 ارب رپين جي مقابلي ۾ 92 سيڪڙو واڌارو ڪندي مالي سال 24-2023 ۾ 13.4 ارب رپيا رکيا ويا آهن. سنڌ حڪومت پاران شهرين کي سستي، محفوظ ۽ جديد سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهي آهي. ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت پاران هن سال سنڌ انٽر ڊسٽرڪٽ پيپلز بس سروس لاءِ 6.1 ارب رپيا رکيا آهن. پيٽرول ۽ ياڙن ۾ واڌاري جي اثر کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سنڌ انٽر دسٽرڪٽ پيپلز بس کي ڪرائي جي مد ۾ مسافرن لاءِ هڪ پيرو 247 ملين رپين جي سبسڊي ڏني وئي، جڏهن تہ ڪاروهنوار هلائڻ ۽ مينٽيننس جي مد ۾ 2 ارب رپيا رکيا ويا آهن منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾ 500 هائي برڊ بسون جي خريداري لاءِ 10 ارب رپيا رکيا ويا آهن سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ملازمن لاءِ ايندڙ سال ٽن نون روٽس تي سفري سهولتون ڏيڻ لاءِ 6 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## جديد بس اڏن جو قيام

سنڌ حڪومت پهرين مرحلي ۾ ڪراچي، ٺٽو،بدين ۽ ميروخان ۾ جديد بس اڏا قائم ڪندي.ٺٽي ۽ ميروخان بس اڏا تعمير هيٺ آهن.

### BRT گرين لائين ڪراچي

بي آر ٽي منصوبو 2.36 ارب رپين جي لاڳت سان تعمير هيٺ آهي جنهن جو ڪاريڊور 3.88 ڊگهو آهي جنهن وسيلي 50 هزار کان وڌيڪ مسافرن کي سفر جون بنيادي سهولتون حاصل ٿي سگهنديون.

### BRT ريڊ لائين ڪراچي

جديد طرز جو ٿرڊ جنريشن بي آر ٽي منصوبو 78.38 ارب رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندو، جيڪو زيرو سبسڊي منصوبو آهي. ان ۾ روزانو 250 بائيو هائبرڊ بسن ذريعي 3 لک پنجاهه هزار کان وڌيڪ شهرين کي سفري سهولت ملي سگهندي. ان کان علاوه ڪاريڊور سان گڏ نالن جي بحالي لاءِ 2.91 ارب رپيا ۽ ڪاريڊور جي خوبصورتي لاءِ 63.4 ملين رپيا رکڻ سان گڏوگڏ 25 هزارن کان وڌيڪ وڻ پڻ لڳايا ويندا.

## پيپلز بس سروس

جناب اسپيڪر!

پيپلز بس سروس جو آغاز هلندڙ سال هڪ وڏي ڪاميابي آهي. سنڌ حڪومت پاران ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪئي وئي جنهن کي عوام جي مثبت موٽ ملي. ڪراچي ۾ EV2روٽ سميت 9 روٽس تي بس سروس هلائي پئي وڃي. ڪراچي ۾ عورتن جي لاءِ خاص ڪري روٽ 2،1 ۽ 10 تي پنڪ بس سروس هلائي پئي وڃي. ان کان علاوه لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ هڪ هڪ روٽ تي پڻ اها بس سروس جاري آهي.

## عورتن جي ترقي

قوم جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي هينئين فرمان کي ذهن ۾ رکندي ته "ڪا به قوم ان وقت تائين ڪاميابي جي بلندين تي نٿي پهچي سگهي جيستائين سندن عورتون ساڻن ڪلهي سان ڪُلهو ملائي نٿيون بيهن" اسان منصوبابندي، فيصلي سازي جي حق ۽ عورتن جي ضرورت جي حوالي سان نهنڌڙ پاليسين ۽ صوبائي معيشت ۾ عورتن جي پائيواري کي بهتر بڻائڻ تي يقين رکندڙ آهيون ان لاءِ گذريل سال 2022-23 رکيل 644.125 ملين رپين جي مقابلي ۾ مالي سال 2023-24 ۾ 705.983 ملين رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

## بينظير وومين ايگريڪلچر ورڪرز پروگرام

بينظيروومين ايگريڪلچر ورڪرز پروگرام لاءِ 500 ملين رپيا رکيا ويا آهن. هي پروگرام زرعي شعبي سان واڳيل ڳوناڻين عورتن جي زندگي جو معيار ۽ زرعي پيداوار کي بهتر بڻائيندو.

## سيف هائوسز

سال 2023-24 جي بجيٽ ۾ ضلعي سطح تي سيف هائوسز کي هلائڻ لاءِ 30 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## قيدي عورتن ۽ ٻارڙن لاءِ رکيل فنڊ

جيلن ۾ قيد غريب عورتن ۽ ٻارڙن لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، شهيد بينظير آباد ۽ جيڪب آباد ۾ قائم سپورٽ فنڊ ۾ عورتن ۽ ٻارڙن کي جيل ۽ ڪرائيسز سينٽرز لاءِ 64 ملين رپيا رکيا ويا آهن. ايندڙ مالي سال 2023-24 بدين ۾ 2.54 ملين رپين جي لاڳت سان ڊائريڪٽر آف وومين امپاورمينٽ اينڊ پروٽيڪشن سينٽر قائم ڪيو ويندو.

## پنڪ بس سروس

قوم جي ترقيءَ ۾ عورتون اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن، انهن لاءِ صوبي جي معيشت کي هٿي ونرائڻ خاطر ڪين بنا ڪنهن پريشاني جي سفري سهولتون فراهم ڪرڻ

لاءِ سنڌ حڪومت خاص ڪري پنڪ بس سروسز شروع ڪئي آهي، جيڪا هن مهل ڪراچي ۾ روٽ 1، 2 ۽ 10 تي هلائي پئي وڃي، جڏهن ته حيدرآباد، سکر ۽ لاڑڪاڻي جي هڪ هڪ روٽ تي بس هلائي پئي وڃي.

## عورتن کي هيسائڻ خلاف دادرسي لاءِ محتسب اعليٰ جي مقرري

عورتون اڪثر ڪري صنفي اڻ برابري ۽ هيسائڻ جي حوالي سان عتاب هيٺ رهنديون آهن ان سلسلي ۾ انهن کي گهر، بازارن ۽ ڪم ڪرڻ وارين جاين تي صنفي مت ڀيد ۽ معاشرتي براين خلاف تحفظ جو احساس ڏيارڻ ضروري آهي، سنڌ حڪومت عورتن کي صنفي برابري جا موقعا فراهم ڪرڻ جي پاليسي تحت ڪم ڪري رهي آهي عورتن کي وڌ ۾ وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مالي سال 24-2023 ۾ 133 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ

صحت جي عالمي اداري جي رپورٽ مطابق دنيا ۾ آبادي جو 15 سيڪڙو مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻهن تي مشتمل آهي جنهن جو گهڻو تعداد معاشي ۽ سماجي ناانصافين جو شڪار آهي. ترقياتي منصوبن ۾ انهن فردن جي ڪردار کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي لاءِ سنڌ حڪومت پاران خاص صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي ڏني ويندڙ سهولتن ۾ ووڪيشنل ايجوڪيشن، آئي ٽي تربيت، آرٽيفيشل انٽيليجنس، ٽيڪنالاجي جي فراهمي سان متعارف ڪرائڻ شامل آهن. هن عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مالي سال 24-2023 ۾ 6.1 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جڏهن ته 23-2022 ۾ اها رقم 3.4 ارب رپيا هئي. اسان هن سال 879.500 ملين رپيا خاص صلاحيتون رکندڙ ماڻهن جي تعليم لاءِ ڪم ڪندڙ مختلف تنظيمن جهڙوڪ فيميل ايجوڪيشن سروس فائونڊيشن، NDF,C- , ARTS, DWA DEWA ۽ NOWPD شامل آهن. غريب پرور پروگرام تحت خاص صلاحيتون رکندڙ ماڻهن لاءِ 250 ملين رپيا ۽ اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول پروگرام کي اپنائڻ لاءِ 75 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

**مالي سال 24-2023 جي سرگرمين لاءِ مختص ڪيل رقم جا تفصيل هن ريت آهن:**

- سفري سهولتن لاءِ 358 ملين رپين جون گاڏيون خريد ڪرڻ
- مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي تعليم ڏيندڙ مختلف ادارن لاءِ 1.087 ارب رپين جي گرانٽ
- غريب پرور پروگرام تحت خاص صلاحيتون رکندڙ ماڻهن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون (DPOs) هڪ ارب رپيا رکڻ جي تجويز
- خاص صلاحيتون رکندڙ ٻارڙن لاءِ Assistive Device جي خريداري لاءِ 400 ملين رپيا رکيا ويا آهن سنڌ ۾ خاص صلاحيتون رکندڙ ماڻهن جو ڊيٽا بيس قائم ڪرڻ لاءِ 100 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
- Adopt a Special Education School Programلاءِ 75 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
- DEPD استادن جي تربيت ۽ صلاحيتون کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 50 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
- استادن ۽ منتظمين جي تربيت لاءِ قائم ڪيل ادارو اسپيشل ايجوڪيشن ٽيچرز ٽريننگ اڪيڊمي ڄامشورو لاءِ 10 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## چوپائي مال ۽ ماهيگيري جو ڪاتو

چوپائي مال ۽ ماهيگيري جي حوالي سان سرگرمين لاءِ سال 24-2023 ۾ 10.987 ارب رپيا رکيا ويا آهن جنهن ۾ 150 ملين رپيا نئين قائم ٿيندڙ لائيو اسٽاڪ بريڊنگ سروس اٿارٽي، جڏهن ته 120 ملين رپيا سنڌ لائيواسٽاڪ ايڪسپو منعقد ڪرڻ لاءِ رکيا ويا آهن. ان کان علاوه مچي مارڻ جي شعبي تحت غذائي قلت ۽ واڌ ويجھ بابت مسئلن جي حل لاءِ 1.88 ارب رپيا Accelerated Action Plan جي منصوبي تي عملدرآمد ڪرڻ لاءِ رکيا ويا آهن.

# ٻيلا

گذريل مالي سال 2022-23 ۾ ٻيلن ۽ جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ رکيل 2.45 ارب رپين جي مقابلي ۾ ايندڙ سال 2023-24 دوران غيرترقياتي خرچن جي ڏس ۾ 2.78 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جنهن ۾ 368 ملين رپيا نين نرسرين جي قيام ۽ انتظام لاءِ رکيا ويا آهن.

## ٿر جي ٻيلن جي واڌ ۽ سبز روزگار

گرين هائوس گئسن جي خارج ٿيڻ خلاف عالمي اُپائن تحت سنڌ حڪومت غير مشروط سهڪار تي يقين رکي ٿي اسان ايندڙ ٻن ڏهاڪن ۾ ڪاربان جي خارج ٿيڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ ۽ مينگروز جي ٻيلن ۾ واڌاري سان 200 کان 220 ملين آمريڪي ڊالر آمدني حاصل ڪري سگهون ٿا. جيڪا اٽڪل 63 ارب رپين جي برابر آهي. گڏيل قومن جي 2021 جي موسمياتي تبديلين بابت فريم ورڪ ڪنوينشن لاءِ Nationally determined Contribution تحت سنڌ حڪومت ڪي توانائي، صنعتن، ٻيلن، زراعت ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ ڪم ڪرڻو پوندو، جنهن جو مقصد آبادي جي بنياد تي گرين هائوس گيسز جي خارج ٿيڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي. يعني 2035 تائين 55 ٽن $CO_2$ کي ختم ڪرڻ آهي. اسان سنڌ ۾ خانگي شعبي جي شراڪت سان 14.7 ملين ڊالر حاصل ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ انڊس ڊيلٽا مينگروز جي ٻن منصوبن تي عملي طور ڪم ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ Delta Blue Carbon-1 and 2 تحت 21,000 نوڪرين لاءِ ٻيلن جي بحالي ٿُمر ۽ ٻي نباتات تي سيڙپڪاري ڪري رهيا آهيون.

## مذهبي هم آهنگي

صوبي ۾ مذهبي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ خاص قدم کنيا پيا وڃن سنڌ حڪومت ڪنهن بہ قسم جي مذهبي عقيدن ۽ وابستگي کان متاهين ٿي صوبي ۾ امن جي فضا ۽ مذهبي ڀائيچاري ۽ مساوات کي قائم رکڻ لاءِ اخلاقي ۽ مالي تعاون جاري

رکي رهي آهي. مالي سال 2023-24 ۾ ان سلسلي ۾ 1.52 ارب رپيا رکيا ويا آهن پاڪستان هندو ڪائونسل کي 50 ملين رپين جي گرانٽ ان ايڊ ڏيڻ سان گڏوگڏ غير مسلم برادري جي مالي ۽ فلاحي سهائتا لاءِ 1 ارب رپيا رکيا ويا آهن ان کان علاوه مالي سال 2023-24 اقليتي برادري جي پوڄا گهرن جي مرمت، تعمير عمارتن تي جديد سازو سامان لڳائڻ لاءِ 250 ملين رپيا رکيا ويا آهن تہ جيئن مذهبي رسمن کي خوشگوار ماحول ۾ ادا ڪري سگهجي.

## امن و امان

ايندڙ مالي سال ۾ بجيٽ ۾ اضافو اسانجي سنڌ جي امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ آهي. وسيلن کي اثرائتي انداز ۾ مختص ڪري پنهنجي صوبي جي تحفظ ۽ امن امان جي فضا قائم ڪرڻ لاءِ سڪيورٽي ايجنسين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي سڪيورٽي اوزار فراهم ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي، سنڌ حڪومت پاران خصوصي ڌيان تحت گذريل مالي سال ۾ 124.87 ارب رپين جي مقابلي ۾ 15 سيڪڙو واڌارو ڪري هن سال 2023-24 ۾ 143.568 ارب رپيا اسٽريٽجيڪل سرگرمين لاءِ رکيا آهن. مالي سال 2023-24 ۾ اسٽريٽيجيڪل بهتري لاءِ اسان 15.5 ملين رپيا پرزن پاليسي مئنيجمنٽ بورڊ لاءِ رکيا آهن، ان کان علاوه جيل کاتي جي عملي جي صلاحيتن ۾ واڌاري لاءِ 463.414 ملين رپيا پڻ رکيا آهن.

## قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون صلاحيتون وڌائڻ

سنڌ پوليس جي بهتري لاءِ 2.796 ارب رپيا ايندڙ مالي سال لاءِ ملٽري گريڊ هٿيارن ۽ نگراني جي هٿيارن جي خريداري لاءِ رکيا آهن. شهرين کي تحفظ ۽ پوليس جون اثرائتيون خدمتون ڏيڻ لاءِ گاڏين جي خريداري جي مد ۾ 3.569 ارب رپيا رکيا آهن. پوليس کاتي کي جديد ضرورت موجب ترقي ڏيڻ لاءِ 846.608 ملين رپيا اسپيشل برانچ ۽ 868.684 ملين رپيا دهشتگردي توڙ کاتي لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ رکيا ويا آهن.

## وڳوڙين کي منهن ڏيڻ لاء انتظام

موجوده نازڪ ۽ غيرمستحڪم سياسي صورتحال ۾ شرپسندن ۽ هجوم جو رد عمل عام ڳالھ بڻجي چڪو آهي. اهڙين حالتن کان عام ماڻهن محفوظ رکڻ لاءِ ڪرائوڊ مئنيجمنٽ ضروري آهي.

2023-24 جي بجيٽ ۾ اسان 3446 ماڻهن تي مشتمل ڪرائوڊ مئنيجمنٽ يونٽ جوڙي رهيا آهيون ۽ گڏوگڏ 4127 اهلڪار تي مشتمل ريپڊ ريسپانس فورس کي بہ وڌايو پيو وڃي. انهن ٻنهي منصوبن جي لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 81.48 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## حفاظت ۽ نگراني

2023-24 جي بجيٽ ۾ صوبي جي اهم داخلي رستن جي نگراني وڌائڻ ۽ محفوظ سفر جي لاءِ هڪ ارب 57 ڪروڙ روپيين جي لاڳت سان خودڪار نمبر پليٽ سڃاڻپ جو منصوبو شروع ڪيو ويندو.

## پوليس جي ڀلائي ۽ مدد

هلندڙ مالي سال ۾ پوليس جو حوصلو وڌائڻ لاءِ 272.78 ملين رپيا طبي خرچن جي واپس ادائگي لاءِ رکيا ويا آهن. پوليس سکيا ۾ اهلڪارن جي مسئلن کي نظر ۾ رکندي نئين سال لاءِ 360 ملين رپيا خوراڪ جي خرچ جي ڏس ۾ رکيا ويا آهن.

## سنڌ فارنزڪ سائنس ليبارٽري

سنڌ ۾ انصاف جي نظام جي مضبوطي وقت سر انصاف ۽ موثر جانچ لاءِ سنڌ فارنزڪ ليبارٽري جو قيام عمل ۾ آندو پيو وڃي، جنهن لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 134.50 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

### عوام کي در جي چانئٺ تي انصاف پھچائڻ

قانون ۽ پارلياماني معاملن لاءِ هلندڙ مالي سال ۾ 20.38 ارب رپيا رکيا ويا هئا جڏهن تہ ايندڙ مالي سال ۾ ان کي وڌائي 22.02 ارب رپيا رکيا ويا آهن. هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ ميرپورخاص جي قيام لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 94.091 ملين رپيا رکيا ويا آهن. ان کان علاوه 71.716 ملين رپيا بہ سيشن ڪورٽ، سول ڪورٽ، فيملي ڪورٽ، ڊسٽرڪٽ اٽارني، ضلعي سجاول جي لاءِ 59.927 ملين رپيا ايندڙ مالي سال لاءِ تجويز ڪيا ويا آهن.

### عوام کي قانوني مدد جي فراهمي

سماجي ۽ معاشي طور تي ڪمزور ۽ پنتي پيل طبقن جي ترقي ۽ انساني حقن جي بحالي جي لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 100.000 ملين رپيا رکيا ويا آهن جنهن مان غريب ضرورتمند ۽ متاثر ماڻهن کي قانوني مدد فراهم ڪري سگهبي.

### مسئلن جو تڪڙو حل

عوام کي تڪڙي انصاف جي فراهمي ۽ ڪراچي جي وڌندڙ آبادي کي نظر ۾ رکندي صوبائي محتسب جي ٽن علائقائي آفيسن ڪراچي جي ٻن ضلعن ڪياماڙي، ڪورنگي ۽ هڪ سانگهڙ ۾ 87.000 ملين رپيا (29.000 ملين رپيا في دفتر لاءِ) رکيا ويا آهن. هلندڙ مالي سال 634.96 ملين رپين جي ڀيٽ ۾ 823.0 ملين رپيا مالي سال 2023-24 لاءِ رکيا ويا آهن.

## آبپاشي جو نظام

سنڌ ۾ ملڪ جو سڀ کان وسيع آبپاشي جو نظام آهي جنهن کي گذريل سال برساتين ۽ ٻوڏ جي سبب شديد نقصان رسيو. جنهن جيڪري ان نهري نظام جي بحالي جي لاءِ وڏي پيماني تي فنڊن جي ضرورت آهي.، جنهن جي لاءِ 2023-24 جي بجيٽ ۾ 25.703 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جن مان 900 ملين جي لاڳت سان واهن جي ڪاٽي جي لاءِ 5 ارب روپين جي لاڳت سان سسٽم جي مرمت ۽ بحالي جڏهن تہ سم ۽ ڪلر تي ضابطي واري پروگرام لاءِ 750 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## ارسا کي رقم جي ادائگي

ربيع ۽ خريف جي مُندن لاءِ اسان پاڪستان حڪومت جي اداري انڊس ريور سسٽم اٿارٽي (IRSA) کي رقم جي ادائگي لاءِ 16 ملين رپيا رکيا آهن، جڏهن ته سنڌ صوبو اجان تائين 40 سيڪڙو پاڻيءَ کوٽ کي مُنهن ڏئي رهيو آهي، سنڌ کي وفاقي حڪومت کان اميد آهي ته ايڪنڪ (ECNEC) اجلاس ۾ شامل ڪيل تڪراري گريٽر ٿر ڪينال فيز-2 ۽ چوبارا برانچ ڪينال فيز-2 تي نظرثاني ڪندو ڇو ته اهو اختيار گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو آهي ۽ اهو 1991 واري معاهدي جي ڀڃڪڙي پڻ آهي

## زرعي انجنيئرنگ

سنڌ جي معيشت زراعت تي ٻاڙي ٿي. گذريل سال جي برساتن ۽ ٻوڏ سنڌ جي زرعي وسيلن ۾ وڏي پيماني تي تباهي آندي آهي، جنهن ۾ وڏي پيماني تي پوکيءَ لائق زمين ۽ بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويا هئا ۽ وڏي انگ ۾ ان شعبي سان واڳيل ماڻهو بيروزگار ٿيا هئا.

ان وڏي پيماني تي تباهيءَ جي باوجود سنڌ حڪومت ان شعبي جي بحالي لاءِ ڪوششون ورتيون آهن. هلندڙ مالي سال ۾ 16.652 ارب رپين جي پيٽ ۾ ايندڙ مالي سال 24-2023 لاءِ 18.9 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. ان رقم کي هيٺين منصوبن تي خرچ ڪيو ويندو:

- 50 سيڪڙو سبسڊي تي هارين کي1258 زرعي اوزار ڏنا ويندا.
- 941 ريگيلور ۽ سولر پاور ٽيوب ويل، رعايتي اگهن تي فراهم ڪيا ويندا.
- 10 ڪولڊ اسٽوريج يونٽس لڳايا ويندا.
- 10795 هيڪٽر ايراضي کي بلڊوزر آپريشن ذريعي سنوت ۾ آندو ويندو.
- ٿرپارڪر ۾ زمين اندر 25 سولر پمپ لڳايا ويندا.
- 259 واٽر ڪورس جي واڌو لائننگ جي بحالي ڪئي ويندي.
- SIAPEP جي ذريعي 50 سيڪڙو واٽر ڪورسز جي اضافي لائننگ ۽ بحالي ڪئي ويندي.
- 74 فارم هاءِ ايفيشنسي زرعي سسٽم لڳائڻ.

- 5000 ڪِچن گارڊن ڪٽس جي فراهمي.
- 35 فارمرز فيلڊ اسڪولن جي تعمير.

## پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ

ايندڙ مالي سال2023-24 ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ لاءِ 7.87 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

### ريورس اوسموسز ايںڊ الٽرا فلٽريشن پلانٽس

پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جو صوبي جي عوام کي صاف پٽي جي فراهمي ۾ اهم ڪردار آهي جنهن جي لاءِ 3.283 ارب رپيا رکيا ويا اهن جنهن مان ريورس اوسموسز اينڊ الٽرا فلٽريشن پلانٽ کي هلايو ۽ سارسنڀال ڪئي ويندي.

وڌيڪ 228.417 ملين رپيا نواب شاه، شهيد بينظير آباد ۾ 14 ايم جِي ڊي الٽرا فلٽريشن پلانٽس جي فعاليت ۽ سارسنڀال لاءِ رکيا ويا آهن.

## راندين ۽ تفريح

سنڌ حڪومت صوبي جي قابل نوجوانن جي صلاحيتن کي ملڪي ۽ عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ هميشہ سهولتون فراهم ڪندي آهي. اسان راندين ۽ تفريح کي صحتمنداٹيون سرگرميون سمجهندا آهيون. خوش قسمتي سان اسان جي ڪافي آبادي نوجوانن تي لاڳاپيل آهي اسان کي ان انساني وسيلي کي ترقي ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن هو پنهنجي صلاحيتن کي هر شعبي ۾ اجاگر ڪري سگهن. ان ڪري راندين ۽ نوجوانن واري معاملن واري کاتي لاءِ 1.83 ارب رپيا ايندڙ مالي سال 2023-24 ۾ رکيا ويا آهن.

# ثقافت ۽ سياحت

## ثقافت ۽ سياحت کي هٿي وٺرائڻ

سنڌ جي ثقافتي ورثي، ادبي سرگرمين ۽ قديم آثارن ۽ يادگارن کي محفوظ بنائڻ لاءِ هلندڙ مالي سال ۾ 24 سيڪٽرو جو واڌارو ڪري 6.5 ارب روپين مان وڌائي 7.500 ارب رپيا ڪيو ويو آهي.

## سرڪاري لائبريرين جو قيام

32.543 ملي روپين سان سنڌ ۾ 7 پبلڪ لائبريرين جو قيام عمل ۾ آندو ويندو هي لائبريريون لطيف اباد، ٺٽورو، سجاول، قمبر، حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ ڊسٽرڪٽ عمر ڪوٽ ۾ قائم ڪيون وينديون.

سنڌ حڪومت جي اها ڪوشش آهي ته ڪڻڪ ذخيرو ختم ڪرڻ ۽ اٽي جي ڪوٽ ۽ برساتن ۽ ٻوڏ جي ڪري پوکي لائق زمين جي پاڻي هيٺ اچڻ جي نقصانن کي گهٽ ڪيو وڃي سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي پوکي کي ترجيح ڏيندي ڪڻڪ جي امدادي قيمت 10 هزار في 100 ڪلو گرام مقرر ڪئي آهي. سنڌ حڪومت اسٽريٽجڪ ذخيرن کي برقرار رکڻ جي لاءِ 1.4 ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي خريداري ڪري رهي آهي. 2022-23 ۾ سنڌ حڪومت 23.3 ارب روپين جي سبسڊي ڪڻڪ جي اٽي تي فراهم ڪئي هئي.

رمضان پيڪيج جي تحت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي 7.9 ملين خاندانن کي 2 هزار في خاندان 15.8 ارب روپين جي سبسڊي طور فراهم ڪيا ويا آهن.

مالي سال 2023-24 ۾ سنڌ حڪومت نه فقط سبسڊائيزڊ ڪڻڪ ۽ اٽي جي ڏس ۾ 63 ارب رپيا سبسڊي ڏني آهي جڏهن ته 144.95 ارب روپين جي ڪڻڪ جي خريداري ۽ لاڳاپيل سرگرمين جي ڏس ۾ رکيا آهن. ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ سپورٽ پرائيس 10 هزار رپيا في 100 ڪلو گرام هارين کي ملي سگهي. ان سان گڏوگڏ سنڌ حڪومت ايندڙ مالي سال ۾ 29.925 ارب رپيا وياج جي ڏس ۾ به ادا ڪندي.

## موبائيل فوڊ ٽيسٽنگ ليبارٽريز

صوبي ۾ بين الاقوامي معيارن واري اداري جي معيار مطابق ريسٽورينٽس، هوٽلز ۾ بين ماڳن تي کاڌي پيتي جي شين جي وڪري جي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت موبائيل ٽيسٽنگ ليبارٽريون قائم ڪري رهي آهي ته جيئن کاڌي پيتي جي شين جي معيار جي موقعي تي جانچ ڪري سگهجي. ان مقصد جي لاءِ هلندڙ مالي سال 2022-23 ۾ 183.0 ملين رپيا فراهم ڪيا ويا هئا. جنهن جي تعمير جو ڪم مالي سال 2023-24 ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

## گاڏين جي رجسٽريشن ۽ ٽيڪسيشن

ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جي بجيٽ هلندڙ مالي سال 5.7 ارب رپين مان وڌائي ايندڙ مالي سال ۾ 7.108 ارب رپيا ڪيو پيو وڃي جنهن سان گاڏين جي ٽريڪنگ ۽ نگراني جهڙن منصوبن کي پورو ڪيو ويندو.

## سڪيورٽي فيچرڊ وهيڪل رجسٽريشن، سمارٽ ڪارڊ ۽ نمبر پليٽس

ٻن، ٽن ۽ چئن ڦيٿن واري گاڏين لاءِ 2022-23 ۾ سڪيورٽي فيچرڊ نمبر پليٽس متعارف ڪرايون ويون هيون جنهن لاءِ نيشنل ريڊيو ٽيلي ڪميونيڪيشن (اين آر ٽي سي) سان بين الحڪومتي (G2G) معاهدو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 2022 کان ٻن، ٽن ۽ چئن ڦيٿن وارين گاڏين لاءِ سڪيورٽي وارين نمبر پليٽس جي فراهمي شروع ٿي وئي هئي. مالي سال 2023-24 لاءِ اسان مختلف منصوبن لاءِ 2.23 ارب رپيا رکيا آهن جنهن ۾ سڪيورٽي فيچرز، رجسٽريشن، اسمارٽ ڪارڊ جي لاءِ 776.765 ملين رپيا ۽ سڪيورٽي فيچر ريٽرو نمبر پليٽس جي لاءِ 1.41 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

## پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي بنيادي ڍانچي جي ترقي

جناب اسپيڪر!

مون کي اجازت ڏيو ته مان سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن جي شاندار ڪاميابين جي باري ۾ ٻڌايان جيڪي اسان جي پارٽي صدر جناب آصف علي زرداري ۽

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي تصور جي مطابق پکڙجي رهيو آهي. پبلک پرائيويٽ پارٽنرشپ ڪيترن ئي سيڪٽرن ۾ پکڙجي رهي آهي ۽ ترقي جي رستي تي هلي رهي آهي. روڊن ۽ پلن جي تعمير جي منصوبن کان وٺي صحت، پاڻي، انفارميشن ٽيڪنالوجي، خاص اقتصادي زون، تعليم، شهري ترقي جهڙن منصوبن سان عوام جي زندگين ۾ تبديلي اچي رهي آهي.

2018 کان 2023 جي دوران اسان جي سرڪاري ۽ خانگي ڀائيواري جي منصوبن جي ترقي بي مثال آهي. اسان جا روڊ ۽ پلون عوام کي پاڻ ۾ ملائي رهيا آهن. سفري رستن ۾ وقت جي بچت ۽ معاشي ترقي ۾ واڌارو ٿيو آهي. عوام جي فلاح ۽ ڀلائي ۽ صحت جي فراهمي جي لاءِ ورتل اُپائن سان معياري صحت حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي آهي. تعليم جي شعبي ۾ جديد ترين سهولتن سان واڳيل سهولتن جي فراهمي تہ جيئن ايندڙ نسلن کي معلومات موقعن جي فراهمي کي ممڪن بڻائي سگهجي. اسپيشل اڪنامڪس زون جي قيام سان سيڙپڪاري جي پرڪشش موقعن جي فراهمي جيڪا ملازمت جي موقعن جي فراهمي سان گڏوگڏ صنعتي ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.شهري علائقن جي ترقي تي ڌيان سبب هاڻ اسانجا شهر ترقي جا مرڪز بڻجي ويا آهن. ٻين منصوبن جيان ملير ايڪسپريس وي پروجيڪٽ ۽ نبي سر کان وجيهار پروجيڪٽ منفرد معاشي اهميت رکندڙ منصوبا آهن. فوڊ سيلوس(SILOS) پروجيڪٽ خوراڪ اسٽور ڪرڻ جون ضرورتون پوريون ڪري سگهندو جڏهن تہ ايجوڪيشن مئنيجمنٽ آرگنائيزيشن موثر اسڪول مئنيجمنٽ جي لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندي. اهڙي ريت NICH سيفٽي سڪيورٽي پروجيڪٽ کي 2020 کان مريضن ۽ اسپتال اسٽاف جي سڪيورٽي لاءِ شروع ڪيو ويو هو.

## ماحوليات ۽ متبادل توانائي، سبز انقلاب

جناب اسپيڪر!

ماحوليات ۽ توانائي بابت سرگرمين لاءِ سال 2023-24 جي لاءِ 46.1 ارب رپيا رکيا ويا آهن جيڪي گذريل سال ۾ رکيل رقم 31.45 ارب رپين کان 46 سيڪڙو وڌيڪ آهن.

## سرسبز سنڌ فنڊ

سال 2023-24 لاءِ سنڌ گرين فنڊ جي ڏس ۾ 50 ملين رپيا رکيا ويا آهن اهي فنڊز پبلڪ پارڪن جي خوبصورتي، مرمت ۽ بحالي جي ڪمن ۾ استعمال ٿيندا ته جيئن ان ڳالھ کي يقيني بڻايو وڃي ته اهي ماڳ عوام کي پرسڪون ماحول فراهم ڪن.

توانائي جي بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ متبادل توانائي ذريعن جي استعمال تي حڪومت جو ڌيان آهي اسان وٽ جججهي مقدار ۾ شمسي توانائي موجود آهي جنهن کي عمارتن ۽ ماڳن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

اڄ تائين 1.3 ارب رپين جي لاڳت سان 1180 ڳوٺن کي بجلي فراهم ڪئي پئي وڃي، منصوبو جوڙي رهيا آهيون ته ڇهن مختلف ماڳن تي شمسي توانائي پيدا ڪندڙ وڏا يونٽس لڳايون جن جي مدد سان 10 ضلعا جن ۾ قمبر شهدادڪوٽ، دادو، شڪارپور، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻو، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، سانگھڙ، بدين ۽ سجاول شامل آهن جي 669 سرڪاري اسڪولن، 6 جيلن، 180 بنيادي صحت مرڪزن ۽ ضلعي ٿرپارڪر ۾ 7 پمپنگ اسٽيشنز کي شمسي توانائي جي ذريعي بجلي فراهم ڪري سگهجي.

## مفت بجلي- ٿر سبسڊي

تعلقي اسلام ڪوٽ ضلعي ٿرپارڪر ۾ 150 ميگا واٽ شمسي توانائي پاور پروجيڪٽ آئي پي پي موڊ جي تحت جون 2023 تائين مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي، جتي سنڌ حڪومت ٿر سبسڊي تحت 4689 گهريلو استعمال ڪندڙن کي 100 يونٽس تائين مفت بجلي فراهم ڪري رهي آهي.

## پاور يوٽيليٽي سروسز فراهم ڪندڙن کي ادائگيون

سنڌ حڪومت بجلي جي فراهمي جي موثر انتظام لاءِ پرعزم آهي مالي سال 24-2023 لاءِ حيسڪو/ سيپڪو، ڪي اليڪٽرڪ، لوڪل ڪائونسلز، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ۽ ٻين سرڪاري کاتن کي ادائگين لاءِ گذريل سال فراهم ڪيل 28 ارب روپين جي مقابلي ۾ 41.500 ارب روپين جي ڳري رقم رکي وئي آهي.

## لينڊ ريونيو مئنيجمنٽ

سال 2023-24 جي لاءِ لينڊ ريونيو مينيجمينٽ جي ڊَس ۾ 5.8 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## فيئر لينڊ مئنيجمنٽ

فيئر لينڊ مئنيجمنٽ ۽ عوام کي سهولتن جي فراهمي جي لاءِ بورڊ آف ريونيو اهم جز آهي اسان سال 2023-24 ۾ غير سروي شده سرڪاري زمينن جي سروي جي لاءِ 220 ملين روپين جي رقم رکي آهي جنهن جيڪري پبلڪ لينڊ جو بهتر نظام ۽ استعمال ممڪن ٿي سگهندو ۽ صوبي کي ان مان فائدو ٿيندو.

## قبضن جو خاتمو

اسان پنهنجي زمينن جي تحفظ جي لاءِ قبضن جي خاتمي لاءِ پر عزم آهيون، انڪري قبضن جي خاتمي واري فورس کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ايندڙ مالي سال 28.395 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## آباديءَ جي ڀلائي، سماجي ڀلائي ۽ تحفظ

سنڌ حڪومت صوبي ۾ رهندڙن جي سماجي ترقي ۾ واڌاري ۽ ڀلائي جي لاءِ بهتر ماحول جي فراهمي جي لاءِ پر عزم آهي.

ان ڊَس ۾ 2022-23 ۾ 10 ملين رپيا ڊرگ ڪنٽرول ۽ بحالي يونٽس جي قيام لاءِ، 40 ملين رپيا ٿرپارڪر ۾ پريم نگر ٽرسٽ يتيم خاني لاءِ ۽ اهڙي ريت 15.5 ملين رپيا خوجا (پيرهائي) اثنا عشري جماعت لاءِ رکيا ويا آهن.

سال 2023-24 ۾ سماجي ترقي ۽ تحفظ جي ڊَس ۾ 5.692 ارب رپيا رکيا ويا آهن جيڪي انهن سرگرمين لاءِ استعمال ٿيندا. ٻئي پاسي پاپوليشن ويلفئير جي ڊَس ۾6.5 ارب رپيا، جنهن ۾ خانداني منصوبا بندي مرڪزن کي سامان جي فراهمي لاءِ 900 ملين رپيا شامل آهن.

172.260 ملين رپيا ليپروسي ڪي ايم سي اسپتال منگهوپير جي لاءِ جڏهن تہ 94.320 ملين رپيا ملير جي ڳوٺ (دل بوٺ) ۾ يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر جي قيام لاءِ رکيا ويا آهن.

هنرمند ماڻهن جي مالي مدد لاءِ اپوا رانا لياقت ڪرافتسمين ڪالوني کي گرانٽ ان ايڊ جي ڏس ۾ 50 ملين رپيا ۽ ان سان گڏ ايس او ايس هومز ۽ نشي جي عادي ماڻهن جي بحالي وارن سينٽرن لاءِ 100 ملين رپيا ڌار ڌار رکيا ويا آهن.

صادق فائونڊيشن ڪراچي جي خدمتن جي اعتراف ۾ گرانٽ ان ايڊ جي رقم کي 20 ملين رپيا ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت سنڌ سوشل ويلفيئر ڪائونسل ڪراچي کي گرانٽ ان ايڊ جي ڏس ۾ 30 ملين رپيا ۽ ڪراچي، دادو ۽ خيرپور ۾ بين سماجي پلائي ۽ تحفظ وارن اُپائن لاءِ 1.545 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## انفارميشن ٽيڪنالاجي

سنڌ حڪومت پنهنجي سمورن ڪاتن کي جديد ٽيڪنالوجي سان ليس ڪرڻ جي لاءِ خاص قدم کڻي رهي آهي سال 2023-24 جي لاءِ ان شعبي ۾ 1.24 ارب رپيا رکيا ويا آهن جڏهن تہ گذريل سال اها رقم 361 ملين رپيا هئي. اهي فنڊز هيٺ ڄاڻايل منصوبن لاءِ استعمال ڪيا ويندا.

### اقليتي عبادتگاهن تي سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ

هي اسڪيم مالي سال 2023-24 ۾ جاري رهندي ان جي تحت سمورن اقليتي عباتگاهن تي جديد هاءِ ٽيڪ سرولينس ۽ مانيٽرنگ سسٽم لڳائڻ، وڏن ماڳن تي 16 يا وڌيڪ ڪيمرائن جي ضَرورت موجب تنصيب، ضرورت موجب وچولن ماڳن تي 8 ڪيمرائون ۽ ننڍن ماڳن تي 4 ڪيمرائون لڳائڻ شامل آهن. سموريون وڊيو ڪيمرائون ڪيبل ذريعي مرڪزي دفتر جي ڪمري سان واڳيل هوندا. سنڌ حڪومت جي سمورن ڪاتن لاءِ اي پورٽل. هيءَ اسڪيم مالي سال 2023-24 ۾ جاري رهندي، جنهن لاءِ 11.0 ملين رپيا رکيا ويا آهن ان منصوبي ۾ سنڌ حڪومت لاءِ پهريان ڪان هلندڙ ويب پورٽل

جي اصلاح ۽ توسيع شامل آهن تہ جيئن ان مان شهرين کي ون ونڊو جي سهولت ملي سگهي.

سنڌ ۾ ضرورت جي شين جي اگهن کي ريگيوليٽ ڪرڻ لاءِ درست دام ايپليڪيشن لاءِ 2.500 ملين رپيا رکيا ويا آهن. وڌيڪ اهو تہ سنڌ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي بورڊ جي قيام لاءِ 400.000 ملين رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

## سنڌ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي بورڊ

خدمتن ۽ آپريشنز کي بهتر ڪرڻ لاءِ ۽ آءِ ٽي ڊومين ۾ پنهنجي اسٽريٽيجڪ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آئي ٽي ۽ ليوريج ٽيڪنالوجي جي ضرورت کي نظر ۾ رکندي اهو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اها سڀ کان اهم ڪاميابي سنڌ ڊجيٽل ٽيڪنالوجي بورڊ جو قيام آهي. مالي سال2023-24 ۾ ان مقصد لاءِ 400.000 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## سنڌ ڪلائوڊ فرسٽ پاليسي

ڊجيٽل حڪمت عملين ۾ نمايان ڪاميابي "سنڌ ڪلائوڊ فرسٽ پاليسي" جي شروعات آهي اها پاليسي سنڌ جي صوبائي حڪومت تحت سمورن سرڪاري شعبن ۽ ادارن تي لاڳو ٿيندي آهي تہ جيئين نئين آءِ سي ٽي سيڙپڪاري ۽ منصوبا شروع ڪيا وڃن. اها پاليسي سمورن انتظامي ۽ لاڳاپيل کاتن، ريگيوليٽيڊ سيڪٽر ۽ خانگي شعبي جي تنظيمن لاءِ مفيد رهنمائي جو ڪم ڪندي، ڇو تہ اهي ڊجيٽل ڏانهن وڌي رهيا آهن.

## گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيشن پروگرام

سنڌ حڪومت جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ ٽيڪنالوجي جي شعبي ۾ انساني سيڙپڪاري جي ترقي ۾ شراڪت جي لاءِ مختلف تربيتي ڪورسز جي لاءِ ٽيڪ ويلي ۽ گوگل پاڪستان سان يادداشت جي معاهدي تي صححيون ڪيون آهن.

## ناياب ۽ قديم ورقن جو تحفظ

انهن سرگرمين لاءِ مالي سال 2022-23 ۾ ترقياتي اسڪيم تحت 38.475 ملين رپيا فراهم ڪيا ويا آهن ان کي مالي سال 2024 ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

### ڊجيٽلائيزيشن ۽ ويب تي لاڳاپيل ڪيٽ لاگنگ

مالي سال 2022-23 ۾ 30 ملين رپيا ڊجيٽلائيزيشن ۽ ويب تي لاڳاپيل ڪيٽا لاگنگ ۽ موجوده رڪارڊ ڪي سهيڙڻ لاءِ ترقياتي اسڪيم تحت فراهم ڪيا ويا آهن.

### سنڌ آرڪائيوز ڪراچي ۾ سنڌ ڪلچرل مارٽ جو قيام

سنڌ حڪومت هلندڙ مالي سال 2022_23 ۾ سنڌ آرڪائيوز ڪراچي ۾ سنڌ ڪلچرل مارٽ قائم ڪرڻ لاءِ 25.685 ملين رپيا رکيا. هي رٿا مالي سال 2022_23 ۾ مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي.

## صنعتون ۽ ننڍي ۽ وچولي درجي وارا ڪاروبار

جناب اسپيڪر!

پاڪستان جي جي ڊي پي ۾ سمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائيزز (ايس ايم ايس) جو 40 سيڪڙو حصو آهي، جڏهن تہ سموري روانگي واپار ۾ پڻ 25 سيڪڙو حصو ايس ايم ايز جو آهي. زرعي شعبي کان پوءِ ملڪ جي آبادي ڪي روزگار ڏيڻ ۾ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن جو وڏ ۾ وڏ حصو آهي، جيڪو 78 سيڪڙو آهي. ننڍا ۽ وچولا ڪاروبار جامع ترقي طرف تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. اسان مالي سال 2022_23 ۾ سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن کي 40 ڪروڙ رپيا ڏنا هئا ۽ ايندڙ مالي سال ۾ وڌيڪ 40 ڪروڙ رپيا رکيا پيا وڃن تہ جيئن يو ايس ايڊ پاران تجويز ڪيل ”ڊائگنوسٽڪ اسٽڊي فار ري اسٽرڪچرنگ آف سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن“ ذريعي سمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائيزز لاءِ مستقل ۽ پائيدار حل فراهم ڪري سگهجن. هلندڙ مالي سال ۾ رکيل 1.6 ارب رپين جي پيٽ ۾ ايندڙ مالي سال 2023-24 ۾ 1.8 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جنهن ۾ سمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائيزز کي وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ لاءِ ڪوآرڊينيشن، پروگرامنگ ۽ مانيٽرنگ جا 60 ملين رپيا شامل آهن. ان کان علاوه شهري توڙي ٻهراڙي جي علائقن ۾ رهندڙ غريب ماڻهن لاءِ گرانٽ جي مد، ننڍن ڪارخانن ۽ ننڍي ۽ وچولي درجي واري ڪاروبار جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ 50 ڪروڙ رپيا ويا آهن.

# ورڪس اينڊ سروسز

مالي سال 24-2023 جي بجيٽ ڪاتن ۾ روڊ نيٽ ورڪ ۽ سرڪاري عمارتن جي سڌاري لاءِ 23.47 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جيڪي گذريل سال رکيل 18.32 ارب رپيا فنڊ جي ڀيٽ ۾ 28 سيڪڙو وڌيڪ آهن. ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ روڊن ۽ عمارتن جي مرمت ۽ بحالي لاءِ 9.98 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جڏهن ته سنڌ جي جيلن ۽ لاڪ اپس جي مرمت لاءِ هڪ ارب رپيا الڳ رکيا ويا آهن.

# انفارميشن، ايڊورٽائيزمنٽ اينڊ پبلسٽي

24-2023 جي بجيٽ ڪاتن ۾ انفارميشن، ايڊورٽائيزمينٽ اينڊ پبلسٽي لاءِ 9.47 ارب رپيا رکيا ويا آهن، اين ٽي سي پليٽ فارم ذريعي براڊ ڪاسٽ اينڊ سوشل ميڊيا مانيٽرنگ سروسز لاءِ 62.13 ملين رپيا ڏنا ويندا، ان کانسواءِ مختلف پريس ڪلبن ۽ مستحق صحافين جي گرانٽ ان ايڊ ۽ انڊوومينٽ فنڊ جي مد ۾ 252 ملين رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سنڌ انفارميشن ڪميشن لاءِ گرانٽ طور 55 ملين رپيا رکيا پيا وڃن.

# مالياتي انتظام

## لوڪل ڪائونسلز ذريعي پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي

سنڌ جي مڪاني ادارن واري ڪاتي جي انتظام هيٺ لوڪل ڪائونسلز کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پراپرٽي ٽيڪس جمع ڪرڻ لاءِ انتظامي اختيار، انساني ۽ طبعي وسيلا لوڪل ڪائونسلز ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيا آهن، جنهن جو مقصد ٽيڪس ڀريندڙ کي سندن در جي چائنٽ تي فائدو پهچائڻ آهي. اختيار هيٺين سطح تي منتقل ٿيڻ سان لوڪل ڪائونسلز جي مالي وسيلن ۾ واڌارو اچڻ سان گڏوگڏ ساليانو 10 ارب رپيا ريوينيو جمع ٿيڻ جو اندازو آهي.

## متبادل ڊليوري چينلز (اي ڊي سي) ذريعي ٽيڪس اوڳاڙي

سنڌ حڪومت متبادل وسيلن ذريعي ٽيڪس جمع ڪرڻ جي پاليسي (الٽرنيٽ ڊليوري چينل ADC) تحت خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس وصول ڪرڻ ۽ ٽيڪس ڏيندڙن کي سهولت ڏيڻ جي لاءِ آن لائن بينڪنگ، ڪريڊٽ اينڊ ڊيبٽ پيمنٽ وغيره کي ڊجيٽل پليٽ فارم ذريعي آسان بنائي رهي آهي. اهڙي ريت بورڊ آف ريونيو اي اسٽيمپس جي شروعات ڪئي آهي جنهن ذريعي ڪسٽمر بورڊ آف ريونيو جي ويب سائيٽ تان آن لائن اي اسٽيمپس حاصل ڪري سگهندا.

## رٽائرمينٽ ۽ پينشن

سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي درپيش ڏکيائين ۽ تڪليفن جي ازالي لاءِ وقت سر پينشن فائدن جي ادائگي، ماهوار پينشن کي يقيني بنائڻ لاءِ مالي سال 24-2023 ۾ 195.269 ارب رپيا رکيا پيا وڃن جيڪي هلندڙ مالي سال ۾ رکيل رقم جي ڀيٽ ۾ 20 ارب رپيا وڌيڪ آهن.

### قرض ۽ وياج جي ادائگي

مالي سال 24-2023 ۾ قرض ۽ ان تي لاڳو ٿيندڙ وياج ڀرڻ لاءِ 96 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جنهن ۾ 48 ارب رپيا قرض جي رقم تي لڳندڙ وياج جي ڀيھر ادائگي جا شامل آهن. اهڙي ريت 48 ارب رپيا وياج ڀرڻ لاءِ ڌار رکيا ويا آهن، جنهن ۾ سرڪاري ملازمن جي پينشن مراعتن جي ادائگي تي لڳندڙ وياج جا 25 ارب رپيا پڻ شامل آهن. ادائگين ۾ اهو واڌارو پرڏيهي ناڻي جي مٽا سٽا يعني ڊالر ۽ روپئي جي اڳھ ۾ لاهن ۽ چاڙهن سبب پيدا ٿيو آهي، گذريل 12 مهينن دوران ڊالر ۽ رپئي جو فرق 160 مان وڌي 300 رپيا ٿي ويو آهي.

## لوڪل فنانس

مالي سال 2023-24 جي بجيٽ ڪاتن ۾ لوڪل باڊيز لاءِ 88 ارب رپيا گرانٽ رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. اسان سنڌ جي سمورن مڪاني ادارن کي سگهارو بڻائي رهيا آهيون ته جيئن اهي پنهنجون خدمتون موثر طريقي سان يقيني بڻائي سگهن.

سنڌ حڪومت مالي سال 2022-23 ۾ لوڪل باڊيز جي لاءِ 90 ارب رپيا رکيا جنهن ۾ لوڪل ڪائونسلز جي آڪٽراءِ ضلعي ٽيڪس توڙي گرانٽ ان ايڊ شامل آهن. حڪومت بنيادي پگهار ۾ 15 سيڪڙو واڌارو ۽ پينشن ۾ 5 سيڪڙو واڌاري جي اجازت ڏني آهي. ان ڪانسواءِ ميونسپل ڪميٽين ۽ ٽائون ڪميٽين جي آڪٽراءِ ضلعي ٽيڪس شيئر ۾ 1.2 ملين رپيا ساليانو واڌارو ڪيو ويو آهي.

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن، سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن جي لاءِ رکيل گرانٽ کي 30 ملين رپين مان وڌائي 45 ملين رپيا ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي اسپشل گرانٽ کي 600 ملين رپين مان وڌائي 650 ملين رپيا ڪيو ويو آهي.

واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج سيڪٽر جي سروسز ۾ سڌاري لاءِ اربن واٽر اينڊ ڊرينيج اسڪيمن کي هلائڻ ۽ مرمت (O&M) جا اختيار پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي کان لوڪل ڪائونسلز ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن، ان ڪانسواءِ سنڌ حڪومت مالي سال 2022-23 جي دوران ڪي ايم سي کي 1.12 ارب رپيا اسپيشل گرانٽ طور ڏنا. مختلف ضلعن پاران شگر ڪين سيس جي مد ۾ رهيل ادائگين لاءِ مالي سال 2023-24 ۾ 420 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## مالياتي حڪمراني سڌارا

سنڌ حڪومت ڪيترن ئي سڌارن تي عمل پيرا آهي جن جو مقصد شفافيت، احتساب ۽ سروس ڊليوري کي موثر بڻائڻ آهي، ڇاڪاڻ ته موثر حڪمراني ئي سماجي ۽ معاشي

ترقي ۾ مک ڪردار ادا ڪري ٿي. ان مقصد لاءِ پبلڪ فنانشل مئنيجمنٽ (PFM) سڌارن جي حڪمت عملي ۽ ايڪشن پلان جوڙيو ويو آهي.

## سنڌ ٽيڪس ريونيو موبلائيزيشن پلان (STRMP )

پي ايف ايم سڌارن جي حڪمت عملي تحت سنڌ ٽيڪس ريونيو موبلائيزيشن پلان جوڙي مالي سال 2022-23 ۾ سنڌ ڪابينا ( STRMP.2021-22 TO 2025-26) ڪان منظور ڪرايو ويو آهي. جنهن ۾ اسان وسيع پيماني تي ٽيڪس سڌارا آندا آهن. مالي سال 2018-19 ڪان مالي سال 2022-23 جي عرصي دوران وصولين کي اسان 100 ارب رپين مان وڌائي 180 ارب رپيا ڪيو آهي، جڏهن ته ساڳئي عرصي دوران ڪل صوبائي ٽيڪس وصولين کي 183.905 ارب رپين مان وڌائي 385 ارب رپيا ڪيو ويو آهي. اسان (STRMP II) تحت 600 ارب رپين جو ٽيڪس اوڳاڙي جو ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ جي اميد رکون ٿا.

## بجيٽ حڪمت عملي دستاويز

اهو هڪ پاليسي دستاويز آهي جيڪو حڪومت جي ايندڙ ٽن مالي سالن جي بجيٽ حڪمت عملي بابت تجويزون پيش ڪري ٿو. بجيٽ جي تياري، سيني جي شموليت ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ بجيٽ حڪمت عملي دستاويز جو ڪردار انتهائي اهم آهي.

جناب اسپيڪر!

پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي کي سولو بڻائڻ ۾ ويساهه رکي ٿي ان لاءِ اسان ڳاتي توڙ مهانگائي جا اثر گهٽائڻ لاءِ مالياتي اُپاءَ ورتا آهن.

تقرير ختم ڪرڻ ڪان اڳ آءٌ ايندڙ مالي سال2023-24 جي بجيٽ ۾ سنڌ جي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ورتل اُپائن جو ذڪر ڪندس.

## مالي سال2023-24 دوران رليف جا اپاءَ

هڪ کان 16هين گريڊ جي سرڪاري ملازمن جي بنيادي پگهار ۾ .... سيڪڙو واڌاري جي تجويز ڏني وئي آهي.

گريڊ 17 ۽ اُن کان مٿي جي سرڪاري ملازمن جي بنيادي پگهار ۾ ... سيڪڙو واڌاري جي تجويز ڏني وئي آهي.

پينشنرز لاءِ .... سيڪڙو واڌاري جي تجويز ڏني وئي آهي.

## ٽيڪس سڌارا

سنڌ حڪومت مهانگائي سٽيل عام ماڻهن جي ڏکيائين کان واقف آهي، تنهنڪري گذيل ٻن سالن دوران ورتل اُپائن وانگر سماج جي ڏتڙيل هيٺين طبقي کي وڏيڪ مالي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ مختلف ٽيڪسن کي باجواز بڻائڻ جي حڪمت عملي جوڙي وئي آهي. ان حڪمت عملي سان مالدار طبقي تي ٽيڪس لڳائي روينيو حاصل ڪري عام ماڻهن کي ضروري رليف ڏنو ويندو. ٽيڪس کي آسان ۽ منطقي بڻائي عام ماڻهن تان بار هلڪو ڪري ڪاروبار جو جذبو وڌائڻ ۽ ماڻهن کي ٽيڪس رليف ڏيڻ لاءِ اُپاءَ ورتا ويندا.

## گهٽ ۾ گهٽ اجرت واري پاليسي.

ٽيڪس کي باجواز بڻائڻ ۽ ٽيڪس رليف سان گڏ اسان گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ ........ سيڪڙو واڌارو ڪندي مالي سال 2023-24 دوران اجرت 25 هزارن مان ......... هزار رپيا ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. سنڌ حڪومت ڪارخانن ۽ مختلف ڪاروباري ادارن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور طبقي تائين ان رليف تي عملدرآمد کي يقيني بڻائيندي.

# پڄاڻي

جناب اسپيڪر!

اڄو تہ گذريل پنجن سالن جي ڪاميابين تي خوشيون ملهايون، عام ماڻهن جي زندگي تي انهن جي تبديلي واري اثر کي ساراهيون، جيتوڻيڪ قدرتي رنڊڪن سان گڏ عالمي معاشي بحران، سياسي ۽ سماجي غير يقيني واري ماحول جا وڏي پيماني تي اثر ظاهر ٿيا، پر تنهن هوندي بہ ايئن چئجي تہ اونداهيءَ ۾ روشني پنهان هوندي آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي هميشہ عوام جي اميدن تي پورو لٿي آهي، موٽ ۾ سنڌ جي عظيم صوبي جي عوام پنهنجي اعتماد، حمايت ۽ محبت جو تاج پارايو آهي. اسان گڏجي روشن مستقبل جا بنياد رکيا آهن، جتي اڄ ڪٺ موقعن سان گڏ خوشحالي ئي خوشحالي آهي. اسان اڳتي قدم وڌائي رهيا آهيون، اڄو تہ اسان پنهنجي عزم تي ثابت قدم رهون اهو ڄاڻيندي تہ عزم، سهڪار ۽ گڏيل بصيرت سان اسان رستي ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي پار ڪنداسين. اهو سفر اڻانگو آهي پر ان جا ثمر اڄ ميا آهن.

آءٌ ڏڻيءَ در دعاگو آهيان تہ شل اسان جي ڌرتي، اسان جو ملڪ ۽ جمهوريت جن خطرن ۽ چئلينجز کي منهن ڏئي رهيا آهن انهن کان محفوظ رهن، ملڪ ۾ جمهوري قوتون ڳاٽ اونچو ڪندي چمڪنديون رهن، شل! الله سائين اسان کي قوم جي باني قائداعظم محمد علي جناح، قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ قائد جمهوريت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي نقش قدم ۽ اصولن پٺاندڙ سنڌ امڙ جي عوام جي خدمت جو جذبو، همٿ ۽ صلاحيت عطا فرمائي (آمين).

ہمارا راستہ کھوٹا نہ کر سکے گا کوئی
ہم اس دیار کو یوں معتبر بنائیں گے
ہر ایک خواب کی تعبیر ملنے والی ہے
اسی زمین پر پھر دیپ جگمگائیں گے
ہمارا عزم ہے اور رب کائنات کی ذات
ہم اس یقین و عمل سے چمن سجائیں گے
ہمارے ہاتھ میں تعمیر کی کرامت ہے
ہنر اور علم کے تازہ جہاں بسائیں گے
کٹھن جو تھا اسے ممکن بنارہے ہیں ہم
سفر ہمارا ترقی کا استعارہ ہے
ہماری سمت چلی آرہی ہے خود منزل
سو ہم کو روکیں، کہاں دشمنوں کو یارا ہے

## پاکستان زندہ باد